وَالْعَصْرِ ۝ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِیْ خُسْرٍ ۝ اِلَّا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ
وَتَوَاصَوْا بِالْحَقِّ ۙ وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ ۝

قسم آهي تيزيءَ سان گزرندڙ زماني جو ته سيئي انسان يقيناً خساري ۾ آهن.
سواءِ اُنهن جي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ۽ انهن باهم (پاڻ ۾) هڪ
ٻئي کي حق جي تاڪيد ڪئي ۽ باهم هڪ ٻئي کي صبر جي تاڪيد ڪئي



والعصر

نجات جي راهه

سورة العصر جي روشنيءَ ۾

ڊاڪٽر اسرار احمد رحمۃ اللہ علیہ

انجمن خدام القرآن
سنڌ ڪراچي رجسٽرڊ

نجات جي راهہ
سورة العصر جي روشني ۾

هڪ تقرير

هي تقرير 15 فيبروري 1973 تي ايچي سن Aitchison ڪاليج لاهور جي پرنسيپال صاحب جي دعوت تي ڪاليج جي استاذن ۽ سينئر شاگردن جي اجتماع ۾ پرنسيپال صاحب جي اڳواڻي ۾ ڪئي وئي.

ڈاڪٽر اسرار احمد رحمۃ اللہ علیہ

سنڌي ترجمو: ڈاڪٽر ظهيرالدين ابڙو

انجمن خدام القرآن

سند ڪراچي رجسٽرڈ

هن ڪتاب کي ڇپرائڻ ۽ شايع ڪرڻ جي هر ڪنهن کي عام اجازت آهي.



ڪتاب جو نالو	نجات جي راهه
مؤلف	ڈاڪٽر اسرار احمد رحمه الله
ترجمو	ڈاڪٽر ظهير الدين ابڙو
ناشر	مطبوعات، انجمن خدام القرآن سنڌ، ڪراچي
فون	+92-2134993436-7
اي ميل	publications@quranacademy.com
ويب سائٽ	www.QuranAcademy.edu.pk
پهريون چاپو	جمادي الثاني 1445 هه جنوري 2024
تعداد	1100
قيمت	150/=

سڄي ملڪ ۾ قرآن اڪيڈميز جا مختلف مرڪز

Karachi:
Quran Academy Defence
021-35340022-4 - 0331-5340022
Quran Academy Yaseenabad
021-36337361 - 36806561
Quran Academy Korangi
021-35074664 - 35078600
Quran Institute Gulistan-e-Johar
021-34030119 - 34161094
Hyderabad:
Quran Academy Qasimabad - 022-3407694
Quran Institute Latifabad - 022-2106187
Sukkur:
Quran Markaz Sukkur - 071-5807281
Quetta:
Quran Academy Quetta
081-2842969 - 0346-8300216
Jhang:
Quran Academy Jhang 047-7630861 - 7630863
Faisalabad:
Quran Academy Faisalabad - 041-2437618

Lahore:
Quran Academy Lahore - 042-35869501-3
Darulislam
markaz Tanzeem Islami - 042-35473375-78
Multan:
Quran Academy Multan
061-6520451 - 0321-6313031
Islamabad:
Quran Academy Islamabad
0333-5202722 - 051-5191919
Gujranwala:
Quran Markaz Gujranwala
055-3891695 - 0533-600937
Peshawar:
Quran Markaz Peshawar
091-2262902 - 0333-9183623
Malakand:
Quran Markaz Temargara
0343-0912306
Azad Kashmir:
Quran Markaz Muzaffarabad
0582-2447221 - 0300-7879787

هن نندڙي ڪتاب تي ڪجھ بزرگن هي نتيجو ڪڍيو آهي تہ ڪجھ جملن سان عاصي (نافرمان) ۽ گنھگار ايمان وارن کي پنھنجي گناھن جي پوري سزا ڪائڻ کان پوءِ جھنم کان ڇوٽڪاري جي نفي ڪئي ٿي. آئون اُن کان برات (انڪار) ڪريان ٿو. منھنجي ب اھا ئي راءِ آھي تہ جنھن مسلمان جي دل ۾ رائي جي داڻي برابر (ذري برابر) ب ايمان ھوندو اُھو آخرڪار جھنم مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري ونندو. ھن ڪتابڙي ۾ جتي جتي لفظ نجات آيو آھي ان مان مراد بلڪل ابتدائي ڇوٽڪارو آھي. يعني تہ انسان کي جھنم ۾ وڌو ئي نہ وڃي ۽ ميدان حشر ۾ ئي رحمت ۽ مغفرتِ رباني اُن تي ڇائنجي (ڍڪجي) وڃي! اجان وڌيڪ ھن ڪتابڙي جي زبان قانون ۽ فتوي جي نہ پر ترغيب ۽ ترھيب (ڊيڄارڻ) جي آھي. ھونئن منھنجو نقطہ نظر ب ساڳيو آھي جيڪو امامِ اعظم ابو حنيفہ رحمۃ اللہ علیہ جو آھي. يعني ڪبيرو گناہ ڪرڻ وارو شخص ڪافر نٿو ٿئي پر ھو مسلمان ئي رھي ٿو“

اسرار احمد

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

مسنون خطاب، تلاوتِ سورة العصر ۽ دعا کان پوءِ:

محترم پرنسيپال صاحب، محترم استاذ صاحبان ۽ عزيز شاگردو!

سڀ کان پھرين آئون اللہ تبارک و تعالیٰ جو شڪر ادا ٿو ڪريان جنھن پنھنجي فضل ۽ ڪرم سان اھڙو رستو پيدا فرمايو جو اڄ پاڪستان جي ھن وڏي نامياري تعليمي اداري ۾ مطالعہ قرآن ڪريم جي ستن ڏينھن جي نشست جو آغاز ٿي رھيو آھي. حقيقت ھيئن آھي تہ جيتوڻيڪ ظاھري سببن ۽ وسيلن کان بلڪل انڪار نہ ٿو ڪري سگھجي پر اصل ۾ سڀ ڪجھ اللہ تبارک وتعالیٰ جي ئي حڪمت ۽ تدبير سان ٿيندو آھي.

وَاللّٰهُ غَالِبٌ عَلٰٓى اَمۡرِهٖ وَلٰكِنَّ اَكۡثَرَ النَّاسِ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ﴿۲۱﴾

(سورة يوسف[12]: 21)

"ءِ الله تہ پنهنجي فيصلي تي غالب آهي پر اڪثر ماڻهو نٿا ڄاڻن."

ان کان پوءِ پرنسيپال صاحب جو به شڪريو ادا ٿو ڪريان جن مون کي هتي اظهارِ خيال جو موقعو عطا فرمايو ۽ استاذن ۽ شاگردن جو پڻ شڪريو ادا ٿو ڪريان جن هن اجتماع ۾ اچڻ جو اهتمام ڪيو.

جيستائين مطالعه قرآن ڪريم جي اهميت جو تعلق آهي ان جي باري ۾ اڄ آئون ڪجهه به چوڻ نه ٿو چاهيان . ان شاءَ الله العزيز ان جا موقعا بعد ۾ ملندا ئي رهندا، بلڪ الله تعالىٰ چاهيو تہ ان جي لاءِ هڪ خاص نشست وقف ٿيندي.

اڄ جي لاءِ مون فيصلو ڪيو آهي تہ سورة العصر جو مختصر مفهوم توهان جي سامهون بيان ڪريان. سورة العصر جي انتخاب جا گهڻائي سبب آهن . جن مان هڪ سبب هي به آهي تہ مون کي خبر پئي تہ توهان جي دينيات جي نصاب ۾ هڪ ڪتابن جو سلسلو شامل آهي جنهن جو نالو آهي "The Right Path"، جيئن تہ سورة العصر جو بنيادي مضمون به اهو ئي آهي تنهنجي ڪري مون به سوچيو تہ قرآن ڪريم جي مطالعي جي سلسلي جو آغاز هن سورت مبارڪ سان ڪيو وڃي.

سورة العصر جي باري ۾ چار بنيادي ڳالهيون:

سڀ کان پهرين هن سورت جي باري ۾ چار بنيادي ڳالهيون ذهن نشين ڪري ڇڏيو:

1. هڪ ته ترتيبِ نزولي جي اعتبار کان هي قرآن ڪريم جي اوّلين سورتن مان هڪ سورت آهي. يعني نبي ڪريم ﷺ تي مڪِي دور جي بلڪل آغاز ۾ نازل ٿي.
2. ٻيو ته هيءَ سورت قرآن ڪريم جي مختصر ترين سورتن مان هڪ آهي. ڇاڪاڻ ته هيءَ ڪُل ٽن آيتن تي مشتمل آهي ۽ اُن مان به پهرين آيت صرف هڪ لفظ تي مشتمل آهي. يعني "والعصر".
3. ٽيون اهو ته پنهنجي مضمون ۽ مفهوم ۽ معني جي اعتبار کان هي قرآن ڪريم جي جامع ترين سورت آهي. ان ڪري جو قرآن ڪريم هدايت جو ڪتاب " هُدًى لِلنَّاسِ" آهي. يعني انسان کي ڪاميابيءَ فوز ۽ فلاح جو رستو ڏيکارڻ لاءِ نازل ڪيو ويو آهي ته جيئن انسان نجات (Salvation) حاصل ڪري سگهي ۽ قرآن ڪريم نجات جي جنهن راهه طرف انسانن جي رهنمائي ڪري ٿو اها نهايت اختصار ليڪن حد درجي جي جامعيت سان هن ننڍڙي سورت مبارڪ ۾ بيان ڪئي وئي آهي. انهي اعتبار سان مون کي احساس ٿئي ٿو ته جڙ پورو قرآن هڪ وڻ وانگر آهي ۽ هي ننڍڙي سورت ان جو ٻج آهي ۽ جيئن هڪ ٻج ۾ پورو وڻ سمائيل هوندو آهي اهڙي طرح سورة العصر ۾ پورو قرآن ڪريم موجود آهي.

اهو ئي سبب آهي جو صحابہ ڪرام رضوان‌الله‌عليهم‌اجمعين جي باري ۾ ڪجهه روايتن مان خبر پوي ٿي ته جڏهن انهن مان ٻن جڙن جي ملاقات ٿيندي هئي ته موڪلائڻ کان اڳ هڪ ٻئي کي سورة العصر ضرور ٻڌائيندا هئا. ۽ اهو ئي سبب آهي جو امام شافعي رحمة‌الله‌عليه هن سورت جي باري ۾ فرمايو آهي ته ماڻهو جيڪڏهن هن هڪ سورت تي غور ڪن ته انهن جي هدايت لاءِ ڪافي آهي. انهن جو هڪ ٻيو قول به نقل ٿيل آهي ته قرآن ڪريم ۾ هن سورت کان

سواء ٻيو ڪجهه به نازل نه ٿئي ها ته هي هڪ سورت ئي ماڻهن جي هدايت لاءِ ڪافي ٿئي ها.

4. چوٿون اهو ته هن سورت جا لفظ تمام ساده ۽ آسان آهن. توهان کي خبر آهي ته هر ٻوليء ۾ ان جي ادب جا شاهڪار، اُنهن ادبي پارن کي قرار ڏنو ويندو آهي جن ۾ مضمونَ ۽ معنائون ته تمام بلند ۽ اعلىٰ درجي جا هجن پر الفاظ نهايت آسان ۽ عام هجن. اهڙن ئي ادبي پارن کي "سهلِ ممتنع" (يعني انتهائي آسان ۽ جامع) قرار ڏنو ويندو آهي. حقيقت هي آهي ته هڪ ته پورو ئي قرآن ڪريم عربي زبان جو اعلىٰ ترين ادبي شاهڪار آهي ۽ سڄي جو سڄو ئي سهلِ ممتنع آهي، پر ان ۾ به خاص طور تي هيء سورت مبارڪ ته سهلِ ممتنع جي اعلىٰ ترين مثال آهي جنهن ۾ مضمون جي اعتبار کان ته دريا کي ڪوزي (پيالي) ۾ بند ڪيو ويو آهي، پر ڳرو ۽ ڏکيو لفظ هڪ به استعمال نه ٿيو آهي.

ايتري تائين جو هڪ عام سنڌي/اردو ڄاڻڻ واري ماڻهوءَ لاءِ هن ۾ ڪوبه اڻ واقف يا مشڪل لفظ نه آهي . مثال طور پهريون لفظ "والعصر" آهي. عصر جو لفظ اسان جي ڳالهائڻ ۾ عام استعمال ٿيندو آهي جيئن عصرِ حاضر، هم عصر ماڻهو وغيره. ٻيو لفظ "انسان" ته آهي ئي سنڌي/ اردو جو لفظ. پوءِ لفظ "خسر" کي ڏسو ته خسارو، خسران جا الفاظ ته اسان عام استعمال ڪندا آهيون. ساڳي طرح ايمان، عمل صالح، حق ۽ صبر جا لفظ به ائين ٿا لڳن جڻ اسان جي ٻوليء جا لفظ آهن. ڪجهه حروف (اکر) جيئن "اِنَّ" ، "لَفِيْ"، "اِلَّا" کان علاوه صرف هڪ لفظ يعني "تَوَاصَوْ" ٿورو اڻ ڄاتل لفظ آهي. ان جي مصدر يعني "وصيت" اسان جي ڳالهائڻ ۾ ڪثرت سان استعمال ٿيندي آهي.

فهم قرآن جا پہ درجا:

هن سورت مبارک جو مفهوم بيان ڪرڻ کان اڳ آئون چاهيان ٿو تہ هڪ بنيادي ڳالهہ اوهان کي ٻڌايان، اها هيءَ تہ فهم قرآن جا گهٽا ئي درجا آهن، جنهن مان پهريون هي آهي تہ قرآن ڪريم جي ڪنهن سورت يا آيت ۾ جيڪو اصل سبق (Lesson) پيَل آهي اُهو ڪڍيو وڃي ۽ ان سان بنيادي رهنمائي (Basic Guidance) حاصل ڪئي وڃي. فهم جي هن درجي کي قرآن ڪريم " تَذَكُّرُ بِالْقُرْآن " جو نالو ڏنو آهي ۽ هن اعتبار سان قرآن ڪريم نهايت ئي آسان ڪتاب آهي. اُن جي برعڪس قرآن ڪريم تي غور و فڪر جي بلند ترين سطح اُها آهي جنهن کي قرآن ڪريم " تَدَبُّرِقرآن " چيو آهي يعني هر هڪ لفظ جي گهرائي ۾ وڃي اُن جي معنىٰ تي غور ڪيو وڃي ۽ قرآن جي فلسفي ۽ حڪمت کي حاصل ڪيو وڃي. اُن مطابق قرآن ڪريم مشڪل ترين ڪتاب آهي ۽ ان جي معنىٰ جي گهرائي تائين پهچڻ آسان ڪم نہ آهي.

اڄ جي بيان ۾ آئون سورة العصر جو مفهوم" تَذَكُّرُ بِالْقُرْآن " جي اعتبار کان تقريبن تفصيل سان بيان ڪندس تہ جيئن هن سورت مبارک جي بنيادي تعليم ۽ اُن جي اصل رهنمائي پوري طرح واضح ٿي وڃي، ۽ پوءِ ڪجهہ مختصر اِشارا " تَدَبُّرِقرآن" جي طريقي تي بہ ڪندس تہ جيئن سوچڻ سمجهڻ وارن کي وڌيڪ غور و فڪر لاءِ رهنمائي حاصل ٿي وڃي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

وَالْعَصْرِ ۙ﴿۱﴾ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِیْ خُسْرٍ ۙ﴿۲﴾ اِلَّا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَتَوَاصَوْا بِالْحَقِّ ۙ۬ وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ ﴿۳﴾

ترجمو: هن سورت مبارڪ جو آسان ترين لفظن ۾ ترجمو هي آهي:

"زماني جو قسم ته سيئي انسان خساري ۾ آهن.
سواءِ اُنهن جي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ۽
اُنهن باهم (پاڻ ۾) هڪ بئي کي حق جي تاڪيد
ڪئي ۽ باهم هڪ بئي کي صبر جي تاڪيد
ڪئي."

عبارت جو تجزيو (Analysis):

ٿورو غور ڪرڻ سان صاف نظر اچي ويندو ته هن سورت مبارڪ ۾ ٽي آيتون آهن، پر انهن ٽنهي آيتن جو مڪمل جملو هڪ ئي نهي ٿو. پهرين آيت هڪ قَسم تي مشتمل آهي. ٻي آيت ۾ هڪ عام قاعدو (General rule) بيان ٿيو آهي ۽ ٽين آيت ۾ اُن عام قاعدي کان استثناء (اخراج - Exception) جو بيان ٿيو آهي. ٽئي آيتون ملي ڪري هڪ آسان ڳالهه (Simple Statement) جي صورت اختيار ڪن ٿيون.

هاڻ آئون چاهيان ٿو ته توهان هن آسان جملي کي چڱي طرح ذهن ۾ ويهاري ٿوري غور و فڪر ۽ سوچ ويچار سان چار نتيجا ڪڍو، جيڪي جڙ ته هن سورت مبارڪ جو اصل حاصل ۽ بنيادي سبق آهن.

ڪاميابي ۽ ناڪامي جو معيار:

سڀ کان نمايان ۽ سڀ کان اهم حقيقت جيڪا بلڪل ظاهر آهي ۽ اُن پاڻي سان پريل گلاس وانگر آهي جنهن مان پاڻي خود بہ خود چلڪي (اُتلي) وهي رهيو آهي، اُها هي آهي ته هن سورت ۾ انسان جي اصل ڪاميابي ۽ ناڪامي ۽ اُن جي حقيقي فائدي ۽ نقصان جو معيار بُڌايل آهي.

هن حقيقت کي توهان چڱيءَ طرح محسوس ڪري سگهو ٿا ته هر انسان پنهنجي سامهون ڪاميابي و ناڪامي ۽ فائدي و نقصان جو

ڪو نہ ڪو معيار ضرور رکندو آهي، ۽ اُن جي پوري عملي جدوجهد ۽ دنيا جي زندگي ۾ اُن جي سموري محنت و مشقت جو رخ اُن معيار جي مطابق ئي مقرر ڪيل هوندو آهي. جيڪي ماڻهو عقل جي اعتبار کان بلوغت ۽ پختگيءَ کي پهچي چڪا آهن اُنهن مان مشڪل ئي ڪو اهڙو ماڻهو هوندو جنهن جو ڪو نہ ڪو نصب العين (Goal) ۽ (Idea) مقرر نہ هجي، عام طور سان ننڍڙن ٻارن ۾ خاص ڪري انهن ۾ جيڪي گهٽا ذهين هوندا آهن انهن جي سامهون ٻہ ڪو نہ ڪو معيار مطلوب ضرور هوندو آهي جنهن جي حصول لاءِ هو پنهنجي محنت ۽ جدوجهد کي مرڪوز (Concentrate) ڪندا آهن.

اسين جيڪڏهن پنهنجي آس پاس نظر وجهنداسين يا خود پنهنجي دل ۽ دماغ ۾ جهاتي پائي ڏسنداسين تہ صاف نظر اچي ويندو تہ هن دور ۾ ڪاميابي ۽ ناڪامي جو اصل معيار يا تہ رپيو پيسو، مال و دولت ۽ زمين و جائداد آهي يا وري حيثيت، وجاهت، اقتدار، دنياوي دٻدٻو ۽ جاهه و جلال، عزت و شهرت ۽ نالو و نمائش آهي. اِلّاماشاءَالله سيئي ماڻهو اِنهن جي ئي طلب ۾ لڳا پيا آهن ۽ اُنهن پنهنجي سڄي محنت و مشقت، توانائي ۽ جدوجهد کي اِنهن شين جي لاءِ ئي وقف ڪري ڇڏيو آهي. اڪثر شاگردن جي ذهن ۾ ٻہ يا تہ ڪنهن اهڙي فن جي سکڻ جي خواهش هوندي آهي جنهن سان خوب دولت ڪمائي سگهجي يا ڪنهن حيثيت ۽ وجاهت واري عهدي (يعني منصب) جو حاصل ڪرڻ آهي، ۽ انهن شين کي حاصل ڪرڻ ئي انهن لاءِ زندگي جي ڪاميابي آهي، جي نہ تہ ناڪامي آهي.

سورة العصر مان جيڪا عظيم حقيقت سامهون اچي ٿي اها اُن جي بلڪل برعڪس (ابتڙ) آهي. يعني اهو تہ "انسان جي ڪاميابي جو معيار نہ رپيو پئسو آهي نہ حيثيت و وجاهت، نہ جاهه و جلال آهي، نہ نالو و نمائش پر ان (ڪاميابي) جي پهرين شرط آهي ايمان، ٻي شرط آهي عملِ صالح، ٽين شرط آهي تواصي بالحق ۽ چوٿين شرط آهي

تواصي بالصبر". يعني هر اهو انسان جنهن ۾ اِهي چار شيون موجود نہ آهن اهو هڪ ناڪام، نامراد ۽ عيب دار ۽ نقصان ڪاڏل انسان آهي. پوءِ پلي اهو ڪروڙ پتي يا ارب پتي هجي يا قارون جيتري دولت حاصل ٿي هجيس ۽ وڏي کان وڏي عهدي جي حيثيت ۽ وجاهت چو نہ هجيس ۽ فرعون و نمرود جهڙي بادشاهي چو نہ حاصل ڪري وڃي. ۽ ان جي برعڪس (Conversely) هر اهو شخص ڪامياب ۽ بامراد آهي جنهن ۾ هي چار ئي شيون موجود هجن پوءِ پلي اُن وٽ دنياوي مال ۽ دولت نہ هجي، پلي فاقو ڪيندو (بک مرندو) هجي، پلي جائداد، مال و متاع ۽ اسبابِ دنيوي کان خالي هٿ هجي، ايتري حد تائين جو پنهنجو اَجهو بہ نہ هجيس، دنيا ۾ ڪيترو بہ غير معروف ۽ گمنام چو نہ هجي، ايتري تائين جو ڪير هن کي پڇندو بہ نہ هجي!

غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ ان حقيقت کي سرسري طور تي مڃڻ، جيتري قدر آسان آهي اوترو ئي ان تي دلي اطمينان ٿيڻ مشڪل آهي. هي دنيا عالمِ اسباب آهي ۽ اسين ان جي ظاهر کان يقينن متاثر ٿيون ٿا ۽ جڏهن اسين ڏسون ٿا تہ دنيا ۾ آرام و آسائش ۽ عزت و شهرت تہ رپين پيسن ۽ اسباب ۽ وسائل سان ئي لاڳاپيل آهي تہ اسين بي اختيار انهن شين کي حاصل ڪرڻ جون ڪوششون ڪريون ٿا ۽ اهو وساري ٿا ڇڏيون تہ ڇا صحيح آهي ۽ ڇا غلط آهي، ڇا جائز آهي ۽ ڇا ناجائز آهي ۽ ڇا حلال آهي ۽ ڇا حرام آهي. جڏ تہ هن دنيا جي زندگي ۾ اسان جي روش ۽ طور طريقي جي درستگي جو پورو دارومدار اُن ڳالهہ تي آهي تہ اسان جي ڪاميابي و ناڪامي ۽ نفعي و نقصان جو معيار تبديل ٿي وڃي. اهو ئي هن سورت مبارڪ جو اصل سبق (Lesson) آهي.

اوهان غور ڪندؤ تہ اِها ڳالهہ واضع ٿي ويندي تہ جيڪڏهن هي عام حقيقت جيڪا هن عظيم سورت ۾ بيان ٿي آهي، اسان کي ذهن نشين ٿي وڃي ۽ اهو سادو جملو، جنهن تي هي سورت مشتمل آهي،

اسان جي دل تي نقش ٿي وڃي ته اسان جي نقطه نظر ۾ هڪ عظيم انقلاب برپا ٿي ويندو، اسان جا اقدار (Values) کيترا ئي بدلجي ويندا ۽ عملي زندگي ۾ اسان جو رويو (Attitude) کيتري حد تائين بدلجي ويندو. جيڪا شيء پهرين اهم ترين نظر ايندي هئي هاڻ اُها ئي حقير ترين لڳندي ۽ جنهن شيء جي پهرين بلڪل وقعت نه هئي اُها شيء تمام اهم ۽ ڪم جي محسوس ٿيڻ لڳندي.

صحابہ ڪرام رضی اللہ تعالیٰ عنہم اجمعین جي زندگيء ۾ جيڪو عظيم انقلاب آيو اُن جي گهرائي (Depth) ۾ اها ئي تبديلي سبب هئي ۽ اِهو اُن تبديليء جو ئي ڪرشمو هو جو انهن کي الله جل‌شانه ۽ اُن جي رسول ﷺ جي رضا جوئي (انهن جي مرضي تي هلڻ) جي مقابلي ۾ دنيا ۽ سيئي دنيوي شيون بلڪل حقير نظر ايندیون هيون، ايسيتائين جو انهن کي زندگي کان وڌيڪ موت وٺڻ لڳو.

اهو ئي هن سورت مبارڪ جو اصل سبق آهي ۽ اسان مان هر هڪ ماڻهو کي گهرجي ته هن سبق تي خوب غور و فڪر ڪري ۽ ان کي چگيء طرح ذهن نشين ب ڪري ۽ دل جي گهرائين ۾ ب ويهاري.

نجات جون گهٽ ۾ گهٽ شرطون:

ٻيو بنيادي نتيجو جيڪو هن جملي جي جوڙجڪ (Construction) مان خودبخود حاصل ٿئي ٿو اُهو اِهو ته هن سورت ۾ نجات جون گهٽ ۾ گهٽ شرطون بيان ٿيل آهن. ڪاميابي جي بلڪل مٿانهين حدن يا فوز و فلاح جي بلند ترين مرتبن جو ذڪر ڪيل ناهي. يعني هي نجات (Salvation) جي گهٽ ۾ گهٽ تقاضن جو بيان آهي ۽ انهن کان گهٽ تي نجات جي اميد نٿي ڪري سگهجي. عام لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته هتي ڪاميابي جي فرسٽ (First) يا سيڪنڊ (Second) ڊويزن (Division) جو بيان ڪونهي پر صرف آخري درجي ۾ پاس ٿيڻ جي ڳالهه ڪئي پئي وڃي.

غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هي ٻيو نتيجو ٻه عملي اعتبار کان انتهائي اهم آهي ۽ ان کي نظر انداز ڪرڻ جو ئي اهو نتيجو آهي جو مسلمانن ۾ شديد اخلاقي ۽ عملي زوال پيدا ٿيو. ان ڪري جو فطري طور تي انسان ۾ محنت و مشقت ۽ ايثار و قرباني جو مادو ڪاميابي جي گهٽ ۾ گهٽ معيار جي حساب سان ئي پيدا ٿيندو آهي ۽ اهڙا ماڻهو تمام گهٽ هوندا آهن جيڪي خاص طور تي دين جي معاملن ۾ اعليٰ مرتبو ۽ بلند مقام حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندا هجن، اُن جي برعڪس عظيم اڪثريت اهڙن ماڻهن جي هوندي آهي جيڪي ڪيئن ٻه ڪري نجات جي گهٽ ۾ گهٽ حدن تي پهچڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو هن سورت مبارڪ ۾ نجات جي گهٽ ۾ گهٽ شرطن کي تمام آسان لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته جيئن ماڻهو پنهنجي همت ۽ وسعت مطابق انهن کي پورو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي سگهن.

چارئي شرطون لازم آهن:

ٿيون نتيجو جيڪو ٻئي نتيجي جي شاخ (Corollary) آهي اُهو اِهو ته نجات لاءِ ايمان، عمل صالح، تواصي بالحق ۽ تواصي بالصبر چارئي جُزا لازم آهن. اُنهن مان ڪنهن هڪ کي ٻه ڇڏي نه ٿو سگهجي. ان ڪري جو هي الله جل‌شانه جو ڪلام آهي. هن ۾ هڪ لفظ ٻه ضرورت کان وڌيڪ ۽ صرف ڪافيو يا رديف جي ضرورت آهر يا غير ضروري مبالغ آرائي لاءِ نه آهي. ۽ جڏهن هتي نقصان ۽ ناڪامي کان نجات جي شرطن ۾ چئين شين جو بيان ٿيو آهي ته يقينن اُهي چارئي شيون لازم آهن ۽ اُنهن مان ڪنهن هڪ کي ٻه ڇڏي ڏٻو ته انسان جي نجات جي ذميداري قرآن ڪريم تي نه رهندي. بلڪل ائين ئي آهي جيئن جيڪڏهن ڪو ڊاڪٽر ڪنهن مريض کي چار دوائن تي مشتمل نسخو لکي ڏئي ۽ مريض پنهنجي مرضي سان ان مان هڪ دوا گهٽ استعمال

ڪري ته هاڻ ان نسخي جي ذميداري اُن ڊاڪٽر تي نہ ٿيندي بلڪ اُن مريض تي ٿيندي.

هن حقيقت تي زور ڏيڻ اُن ڪري ضروري آهي جو اسان مسلمانن جي هڪ عظيم اڪثريت جي ذهن ۾ اها غلط ڳالهه ويهي رهي آهي ته هر ڪلمو پڙهڻ واري جي نجات لازم آهي. يعني نجات لاءِ صرف ايمان ۽ ان جو به صرف زباني اقرار ڪافي آهي. ان ڪان پوءِ جيڪڏهن ڪير ڪو به نيڪ عمل ڪري ته اها اُن جي اضافي نيڪي آهي ۽ ان سان ان جا درجا بلند ٿي ويندا، نہ ته فقط نجات لاءِ عمل ضروري نہ آهي. تمام گهڻ اهڙا ماڻهو توهان کي ملندا جيڪي ايمان سان گڏ ٿورو گهڻو نيڪ عمل کي به ڪنهن حد تائين نجات لاءِ ضروري سمجهن ٿا. اهو ٿورو تعداد به تواصي بالحق يعني حق جي دعوت ۽ اشاعت کي ته هرگز هر ماڻهو لاءِ لازم نہ ٿو سمجهي ۽ هي خيال ته يقيني طور تي تسليم ڪيو ويندو آهي ته حق جي تبليغ ۽ تلقين ته بس هڪ خاص گروه (Group) جي ماڻهن جو ڪم آهي، باقي ماڻهن لاءِ حق جي تبليغ لازم ته نهيو پر ڪرڻ ئي مناسب ڪونهي. پوءِ ان خاص گروه به عام طرح سان ڪامل ۽ مڪمل حق جي تبليغ سان امتحان ۽ آزمائش کي دعوت ڏيڻ جي عزيمت جي راهه کي چڏي خاص ڪري رخصتن تي پنهنجي عمل جو دارومدار رکي چڏيو آهي. ۽ اهڙي طرح پوري امت تي بي عملي، جمود، تعطل (عمل کان رکجي وڃڻ) ۽ عمل کان فرار ۽ تڪائڻ جي ذهنيت حاوي ٿي وئي آهي. ان صورتحال ۾ ڪا به تبديلي ان وقت تائين ممڪن نہ آهي جيستائين ماڻهن کي اهو معلوم نہ ٿئي ته نجات لاءِ عمل صالح به لازمي آهي پر ان کان به وڌيڪ حق جو اقرار ۽ اعلان ۽ ان جي دعوت ۽ شهادت به لازمي آهي ۽ ان رستي ۾ جيڪا مصيبت ۽ تڪليف اچي ته ان تي ثابت قدم رهڻ به لازم آهي. جيئن ته اِها ئي اُها عظيم حقيقت آهي، جيڪا هن انتهائي مختصر پر نهايت ئي جامع سورت ۾ بيان ٿي آهي.

انهن چئين ئي شين جي وچ ۾ جيڪو عقلي ۽ منطقي تعلق آهي ان کي به سمجهڻ ضروري آهي. ڪنهن انسان جو صاحبِ سيرت و ڪردار هجڻ جو دارومدار ان تي آهي ته هو هر معاملي ۾ پهرين اهو ڏسي ته صحيح ڳالهه چا آهي. پوءِ جنهن ڳالهه جي صحت (يعني سچائي) تي ان جو دل ۽ دماغ شاهدي ڏي، اُن کي هو عملي طور اختيار ڪري ۽ نه صرف پاڻ اختيار ڪري پر ان جو اقرار ۽ اعتراف ۽ اعلان به عام ڪري ۽ ٻين ماڻهن کي به ان کي مڃڻ ۽ قبول ڪرڻ جي دعوت ڏئي، ۽ پوءِ جيڪڏهن ان رستي ۾ ڪابه دقت يا تڪليف اچي يا ايثار و قرباني ۽ جانبازي ۽ جان نثاري جو مرحلو اچي ته جوان مردي ۽ ثابت قدمي ۽ جو ثبوت ڏئي ۽ پٺ ڏيکاري پڄي نه وڃي. ڪنهن شريف ۽ صاحبِ ڪردار انسان جي لاءِ هنن مرحلن مان ڪنهن ۾ به ڪو ٻيو طريقو اختيار ڪرڻ ممڪن ئي نه آهي. ٻي صورت ۾ هو هڪ ڪمزور ڪردار رکندڙ انسان قرار ڏنو ويندو، نه ڪي هڪ شريف ۽ صاحبِ ڪردار انسان. اهڙي طرح اها ئي هڪ عقلي ۽ منطقي ترتيب (Logical Sequence) آهي: ايمان، عمل صالح، تواصي بالحق ۽ تواصي بالصبر ۾ ڪنهن به صاحبِ ڪردار انسان جي لاءِ هنن مرحلن ۾ ڪنهن هڪ کان به پاسو ڪرڻ ممڪن ئي ڪونهي.

ڳالهه ۾ وزن ۽ انتهائي تاڪيد ۽ توثيق:

چوٿون ۽ آخري نتيجو جيڪو هن مختصر سورت جي عبارت جي تجزئي مان حاصل ٿئي ٿو اُهو هي آهي ته مٿيان ٽيئي نتيجا انتهائي تاڪيدي ۽ مضبوط آهن ۽ اِنهي ۾ هرگز ڪنهن شڪ و شبهي جي گنجائش نه آهي، ان ڪري جو پهرين ته اسان جو ايمان آهي ته قرآن ڪريم الله جل شانه جو ڪلام آهي ۽ الله تبارڪ و تعالىٰ جو فرمان پنهنجي صداقت ۽ حقانيت تي پاڻ ئي دليل آهي وَمَنْ اَصْدَقُ مِنَ اللّٰهِ قِيْلًا

[سورت النساء4: 122] (۽ پنهنجي قول ۾ الله کان وڌيڪ سچو ٻيو ڪير ٿو ٿي سگهي). پر صرف ان تي ڪفايت ناهي پر خود الله تبارڪ و تعالي ٻه هنن حقيقتن تي قَسم کنيو آهي ۽ اهڙي طرح هي ڪلام انتهائي تاڪيد ڪيل آهي ۽ هن ۾ جيڪي حقيقتون واضع ڪيل آهن ۽ جيڪي سبق ڏنل آهن اهي سڀ انتهائي يقيني ۽ هر قِسم جي شڪ ۽ شبهن کان پاڪ ۽ آزاد آهن. مطلب ته يقينن انسان ذات بحيثيت مجموعي نقصان ۽ گهاٽي ۾ وڃڻ واري آهي ۽ تباهي جو ڪاڇ ٿيڻ واري آهي سواءِ انهن ماڻهن جي جن، ايمان، عمل صالح، تواصي بالحق ۽ تواصي بالصبر، ڇئني لوازم (ضروري شين) کي پورو ڪيو ۽ نجات جي هن آزمائش تي پورو اچي ويا.

مطلب ته هي آهن اُهي چار بنيادي نتيجا جيڪي هن سورت مبارڪ تي سرسري غور و فڪر ڪرڻ سان حاصل ٿين ٿا. ائين ڇئجي ته تذڪر جي سطح تي هي سورة العصر جو اصل ماحصل (نتيجو) آهي.

هاڻ آئون چاهيان ٿو ته توهان هن سورت مبارڪ جي هڪ هڪ لفظ جي گهرائي ۾ وڃي ان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ بذات خود ڏسو ته هن عظيم سورت جي ظاهري سلاست (ساده لفظن) جي پڙدن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون عظيم حقيقتون موجود آهن ۽ ڪهڙيون ڪهڙيون اعليٰ حڪمتون ۽ دانائيون سمايل آهن.

"والعصر" جو حقيقي مفهوم:

سڀ کان پهرين لفظ "وَالْعَصْرِ" کي ڏسو جنهن جو آسان ترجمو اسين ڪري آيا آهيون "زماني جو قسم" . "عصر" جو اصل مفهوم صرف زمانو ڪونهي پر تيزي سان گذرڻ وارو زمانو آهي. عربي ۾ "عصر" ۽ "دهر" ٻئي لفظ انتهائي جامع آهن ۽ ٻنهي ۾ صرف زمان (Time) نه آهي پر زمان ۽ مڪان جي مرڪب (Time and Space Complex)

ڏانهن اشارو آهي ۽ حسن اتفاق سان قرآن ڪريم ۾ "العصر" ۽ "الدهر" ٻنهي نالن جون سورتون موجود آهن. انهن ٻنهي ۾ فرق هي آهي ته دهر ۾ زمان ۽ مڪان جي مرڪب جي وسعت جو لحاظ آهي يا جديد فلسفي جي اصطلاح ۾ ائين چئون ته زمان مطلق (Absolute Time or Pure Duration) مراد آهي. جڏهن ته لفظ عصر ۾ زماني جو گذرڻ ۽ ان جي تيز رفتاريء ڏانهن اشارو آهي. ڇڙ ته فلسفي جي اصطلاح ۾ زمانِ جاري يا زمانِ مسلسل (Serial Time) مراد آهي.

"والعصر" ۾ حرف "و" حرف جار آهي ۽ ان مان مراد قَسم جي هوندي آهي. ۽ قسم مان اصل مراد شهادت يا گواهي آهي.

يعني لفظ "والعصر" جو حقيقي فهم يا مطلب هي ٿيو ته " تيزي سان گذرڻ وارو زمانو شاهد آهي ۽ گواهي ڏيئي رهيو آهي".

خُسران جو وسيع مفهوم:

اهڙي طرح ٻي آيت جو سادو ترجمو ٻه اسان هي ڪيو ته " پوري خلقِ انسان نقصان ۽ خساري ۾ آهي". پر ان سان ٻه اصل مفهوم ادا نه ٿو ٿئي، ان ڪري جو خسران قرآني اصطلاح ۾ صرف ٻه چار هزار يا ٻه چار لک يا ڪروڙ جي گهاٽي کي نه، پر مڪمل تباهي ۽ بربادي، کي چوندا آهن. ڪامياب ۽ بامراد ٿيڻ لاءِ ته قرآن ڪريم ۾ گهٽائي لفظ استعمال ٿيا آهن جيئن "فوز و فلاح" ۽ "رشد و سعادت" پر انهن سيني جي ڪامل ضد (Antonym) جي حيثيت سان هڪ ئي جامع لفظ "خسران" استعمال ٿئي ٿو. يعني ٻي آيت جو اصل مفهوم ۽ مطلب هي ٿيو ته "پوري خلقِ انسان موت مار تباهي ۽ بربادي ڏانهن وڃي رهي آهي".

هن عظيم آيت ۾ جيڪا اهم حقيقت بيان ٿي آهي ۽ خلقِ انسان جي جنهن الميه (Human Tragedy) ڏانهن اشارو ڪري رهي آهي ان جو صحيح مفهوم ۽ ادراڪ ٻن درجن ۾ ٿي سگهي ٿو. هڪ اهو ته هر

انسان هن دنيا جي زندگي ۾ شديد قِسم جي محنت ۽ مشقت ۾ آهي. اڪثر ماڻهن کي پنهنجي ۽ پنهنجي ماتحتن (Dependents) جي بنيادي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ صبح ۽ شام چيلهه ڀڃڻ واري محنت ڪرڻي پوي ٿي ۽ پوءِ به بنيادي ضرورتون پوريون نه ٿيون ٿين. يعني انساني آبادي جي هڪ عظيم اڪثريت کي کاڌي، لباس، گهر، تعليم ۽ علاج جهڙين بنيادي شين تائين مناسب حد تائين پهچ نه آهي. جيڪي ماڻهو خوشحال نظر اچن ٿا انهن جو به بهرحال محنت ۽ مشقت کان سواءِ ٻيو ڪو رستو نه آهي.

ان حد تائين ته وري به انسان وڌ ۾ وڌ هڪ بار ڏوئڻ واري جانور وانگر آهي پر ان جو وڌيڪ الميه (Tragedy) هي آهي ته ان ۾ احساس به تمام گهٽ موجود آهن. انڪري ان کي انهن محنتن ۽ مشقتن کان به وڌيڪ بيشمار قِسمن جي صدمن ۽ غمن مان به گذرڻو پوي ٿو. ڪڏهن اولاد جي محبت ان کي رُئاڙي ٿي ته ڪڏهن مٽن مائٽن ۽ عزيزن ۽ قرب وارن جي ڏکن ۽ غمن ۾ شريڪ ٿيڻو پوي ٿو. ڪڏهن هو پنهنجي ڪنهن ويجهي عزيز جي بيماري جو غم سهي رهيو هوندو آهي ته ڪڏهن ڪنهن محبّ يا محبوب جي موت جو ڏک برداشت ڪري ٿو. مطلب ته هن کي صرف محنت ۽ مشقت نه پر ڏک ۽ غم به برداشت ڪرڻا پون ٿا. بقول غالب:

قيد حيات وبند غم اصل ميں دونوں ايک ہيں
موت سے پہلے آدمی غم سے نجات پائے کيوں

توهان کي خبر هوندي ته حياتِ انساني ۾ انهي ڏک و درد ۽ رنج و الم جي مشاهدي سان مهاتما گوتم بڌ ان حد تائين بي زار ٿي ويو جو هُن ڦوهه جواني ۾ پنهنجي نوجوان زال ۽ معصوم پٽ کي ستل ڇڏي وڃي جهنگ وسايو.

خوشحال ۽ دولت مند ماڻهن جي باري ۾ عوام کي اڪثر اها غلط فهمي ٿي وڃي ٿي ته شايد هنن کي کو به ڏک ڪونهي. حالانڪ حقيقت ڪجهه هيئن آهي ته جنهن قِسم جي نفسياتي تڪليف (Psychic Agony) کان انهن جي اڪثريت متاثر هوندي آهي ان جو اندازو عام ماڻهو نٿو لڳائي سگهي. انهن ماڻهن کي بيشمار قِسم جي ذهني تضادن (Conflicts) ۽ مايوسين (Frustrations) کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ۽ انهن مان اڪثر ذهني بيمارين (Mental Diseases and Psychic Disorders) ۾ مبتلا رهن ٿا.

هي دراصل انساني المیہ (Tragedy) جو پهريون درجو آهي ۽ ان جو ذڪر قرآن ڪريم جي ٽيهين 30 پاري ۾ سورة البلد جي هن آيت ۾ نهايت ئي فصاحت ۽ بلاغت سان ٿيل آهي:

لَقَدْ خَلَقْنَا الْإِنْسَانَ فِيْ كَبَدٍ ۝ (سورة البلد 90 : 4)

"اسان انسان کي مشقت ۾ ئي پيدا ڪيو آهي".

ان کان وڌيڪ هي ته انسان جو المیہ دنيا ۾ ئي ختم نه ٿو ٿئي پر موت کان پوء ان جو اصل ۽ سخت ترين مرحلو شروع ٿئي ٿو جيئن ڪنهن شاعر چيو آهي ته:

اب تو گھبرا کے یہ کہتے ہیں کہ مر جائیں گے
مر کے بھی چین نا پایا تو کدھر جائیں گے۔

انساني ٽريجدي يعني المیہ جو نقطہ عروج (Climax) هي آهي ته دنيا جون سيئي محنتون مشقتون برداشت ڪري ۽ سيئي تڪليفون سهي اچانڪ هن کي پنهنجي خالق ۽ مالڪ جي سامهون محاسبي لاءِ پيش ٿيڻو پوندو، جتي هن کي پنهنجي زندگي جي اعمال ۽ افعال جو

جواب ڏيڻو پوندو، اهو ئي نقشو آهي جيڪو قرآن ڪريم جي هن آيت ۾ واضع ڪيل آهي:

يٰٓاَيُّهَا الْاِنْسَانُ اِنَّكَ كَادِحٌ اِلٰى رَبِّكَ كَدْحًا فَمُلٰقِيْهِ ۝

(سورة الانشقاق[84] : 6)

"اي انسان! توکي تڪليفون سهندي بهرحال پنهنجي رب جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻو آهي."

۽ پوءِ جيڪڏهن حساب ڪتاب ۾ ان جي خيالن ۽ عقيدن ۽ افعال ۽ اعمال ۾ ڪا گهٽ وڌائي ثابت ٿي وئي ته ان کي مستقل طور دردناڪ سزا ۽ اذيت پريل عذاب جي حوالي ڪيو ويندو ۽ اِهو ئي اصل خسران آهي.

ذٰلِكَ هُوَ الْخُسْرَانُ الْمُبِيْنُ (الحج[22] : 11)

"اهو ئي پڌرو خسارو آهي".

مختصرًا، هي آهي اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِيْ خُسْرٍ جو حقيقي مفهوم.

پهرين ۽ آيتن جو پاڻ ۾ تعلق:

هي ته بلڪل واضع آهي ته پهرين آيت هڪ قَسم تي مشتمل آهي ۽ بيءِ آيت ۾ قَسم جو جواب آهي، يعني بي آيت ۾ هڪ حقيقت جو بيان آهي ۽ پهرين آيت ۾ زماني جي شاهدي جي طرف اشارو آهي. ته سوال ٿو پيدا ٿئي ته انهن ٻنهي جي وچ ۾ منطقي ربط ڪهڙو آهي؟

غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته عصر يعني زمانِ جاري يا زمانِ مسلسل هڪ اهڙي چادر وانگر آهي جيڪا ازل کان ابد تائين ڇڪهيل آهي. يعني زمانو انساني تخليق جي شروع کان وٺي حياتِ دنيوي ۽ ان جي پوري تاريخ بلڪ حياتِ اُخروي ۽ ان جي سڀني مرحلن جو اڪين ڏٺو شاهد آهي. اهڙيءِ طرح انسانن جي محنت و مشقت ۽ رنج و الم

جي زندگي ۾ ان جي اکين جي اڳيان آهي ۽ قومن جي عروج ۽ زوال جي تمام واقعن جو ۾ اکين ڏنو شاهد آهي ۽ حيات اُخروي ۾ انساني تريجدي جو ۾ نقطہ عروج بلڪل هن جي سامهون موجود آهي . اهڙي طرح اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِيْ خُسْرٍ جو سڀ کان وڏو گواه (شاهد) زمانو ئي آهي.

هن ثابت حقيقت تي هڪ تنبيهه (خبرداري) ۽ انذار (ڊيڄارڻ) جو رنگ چڙهيل آهي، جيڪو لفظ " والعصر" جي استعمال سان وڌيڪ اجاگر ٿي رهيو آهي، اهو هي آهي تہ انسان جي بربادي، تباهي ۽ خسرانِ حقيقي جو اصل سبب هي آهي تہ هُن تي غفلت طاري ٿي ويندي آهي ۽ هو پنهنجي ماحول ۽ پنهنجي ظاهري مسئلن ۽ معاملن ۾ منجهي ڇڏ گم ٿيڻ جي حالت ۾ اچي ويندو آهي. بقول علامہ اقبال:

کافر کی یہ پہچان کہ آفاق میں گم ہے
مومن کی یہ پہچان کہ گم اس میں ہے آفاق

"والعصر" جو لفظ انسان کي جهنجهوڑي غفلت مان بيدار ڪري ٿو تہ اي غافل انسان ! تنهنجو اصل سرمايو وقت آهي. جيڪو تيزي سان گذري رهيو آهي ۽ تنهنجي اصل ملڪيت هي زندگي جي مهلت آهي جيڪا تيزي سان ختم ٿي رهي آهي ۽ جيڪڏهن تو اُن ۾ پنهنجي شخصيت جي تعمير نہ ڪئي يا بقول علامہ اقبال پنهنجي خودي ڪي بلند نہ ڪيوتہ پوءِ هميشہ جي حلاڪت ۽ تباهيءَ ڪي منهن ڏيڻو پوندو. بقول شاعر:

غافل تجھے گھڑیال یہ دیتا ہے منادی
گردوں نے گھڑی عمر کی اک اور گھٹادی۔

ايمان جو اصل مفهوم:

هن "خُسرانِ عظيم" ۾ تباهي ۽ بربادي کان نجات جي لاءِ پهريون شرط ايمان آهي. ايمان لفظ اَمن مان نهيو آهي. ان جي لفظي معنيٰ آهي کنهن کي امن ڏيڻ ۽ سکون بخشڻ. پر اصطلاحي معنيٰ ۾ "ل" يا "ب" حروف جار (Preposition) سان گڏ استعمال ٿيندو آهي. جيئن اٰمَنَ لَهٗ يا اٰمَنَ بِهٖ ۽ ان صورت ۾ اُن جي لفظي معنيٰ تصديق، يقين ۽ اعتماد جي ٿي وڃي ٿي.

ايمان جي اصل حقيقت کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته پهرين اوهان هن حقيقت تي غور ڪريو ته هر اُهو انسان جيڪو عقل ۽ شعور جي پختگيءَ کي پهچي وڃي، اهو لازمًا هي سوچيندو آهي ته آئون ڪير آهيان؟ ۽ ڪٿان آيو آهيان؟ ۽ هي ڪائنات ڇا آهي؟ ۽ ان جي شروعات ڪٿان ٿي ۽ ختم ڪيئن ۽ ڪڏهن ٿيندي؟ ۽ خود منهنجي زندگيءَ جي سفر جي آخري منزل ڪهڙي آهي؟ جن ماڻهن فلسفي جو ٿورو گهڻو مطالعو ڪيو آهي انهن کي اها خبر آهي ته پوري انساني تاريخ جي دوران سيئي سوچڻ ۽ سمجهڻ وارا ماڻهو انهن ئي سوالن تي غور ۽ فڪر ڪندا رهيا آهن ۽ انهن سوالن جا اطمينان بخش جواب حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا آهن . ان ڪري جو ان کان بغير انسان بلڪل اونداهيءَ ۾ آهي. نه هو پنهنجي حقيقتن کان واقف آهي نه ڪائنات جي حقيقتن کان، ۽ نه پنهنجي آغاز ۽ انجام جي ڪا خبر اٿس ۽ نه ئي ڪائنات جي ابتدا ۽ انتها جو ڪو علم اٿس، بقول شاعر:

نہ ابتدا کی خبر ہے نہ انتہا معلوم
رہا یہ وہم کہ ہم ہیں سو یہ بھی کیا معلوم

هاڻ ظاهر آهي ته انهن سوالن جو آخري ۽ يقيني جواب اسين پنهنجي حواسن (senses) سان ته هرگز نٿا معلوم ڪري سگهون، اسين

تہ اجان تائين هن عالمِ طبعي (Physical world) جي وسعتن جي باري ۾ ڪو اندازو ٻہ نہ ڪري سگھيا آهيون تہ پوء ان جي ابتدا ۽ انتها جو علم ڪيئن ٿو حاصل ٿي سگھي. اهڙيءَ طرح ان سوال جو جواب، تہ هن دنيا جي پيدائش کان اڳ ٻہ اسان جي ڪا حقيقت هئي يا نہ؟ ۽ موت کان پوء ٻہ اسان جو ڪو وجود برقرار رهندو يا نہ، حواسن (senses) جي ذريعي تہ ممڪن ئي ڪونهي. ان ڪري جو اسين حواسن جي ذريعي نہ ئي پنهنجي پيدائش کان پهرين جي دنيا ۾ ڏسي سگھون ۽ نہ ئي مرڻ کان پوء واري دنيا ۾، مطلب تہ علم حقيقي جي باري ۾ انسان جي مجبوري ۽ بي وسي جو هي عالم آهي.

ان جي پس منظر (Background) تي غور ڪريو تہ تاريخ انساني جي دوران مسلسل اهڙا ماڻهو پيدا ٿيندا رهيا جن ماڻهن کي ٻڌايو تہ اسان وٽ علم جو هڪ خاص ذريعو آهي جنهن کي "وحي" چئجي ٿو. جنهن جي ذريعي اسين يقيني ۽ آخري طرح سان ڄاڻون ٿا تہ "هي ڪائنات نہ اصل کان هئي ۽ نہ هميشہ رهندي" پر هن دنيا کي هڪ خالق پيدا ڪيو آهي جيڪو سيني اعليٰ درجي جي صفتن سان مڪمل طور تي متصف (موصوف) آهي ۽ پنهنجي ذات ۽ صفتن ۾ اڪيلو آهي ۽ هميشہ کان آهي ۽ هميشہ رهندو. انهيءَ توهان کي پيدا ڪيو ۽ توهان جي زندگي، صرف هن دنيا جي زندگي نہ آهي پر هو توهان کي مرڻ کان پوء وري زنده ڪندو ۽ اُها توهان جي اصل ۽ هميشہ رهڻ واري (دائمي) زندگي هوندي. ۽ توهان جي ان دائمي زندگيءَ ۾ توهان سان جيڪو سلوڪ ۽ انجام ٿيندو ان جو بنياد هن زندگيءَ جي خيالن، عقيدن، افعال ۽ اعمال تي هوندو. ۽ انهيءَ خالق و مالڪ ئي اسان کي هن ڪم لاءِ مقرر ڪيو آهي تہ اسين توهان کي انهن حقيقتن کان ٻہ آگاه ڪريون ۽ هن دنيا ۾ زندگي گذارڻ جو صحيح طريقو ٻہ ٻڌايون تہ جيئن توهان انهيءَ اُخروي زندگيءَ ۾ خسران کان بچي سگھو ۽ فوز و فلاح ۽ ڪاميابي و ڪامراني حاصل ڪري سگھو.

توهان سمجهي ته ويا هوندا ته انهن ئي کي اسان انبياء ۽ رسولن جي نالي سان سڃاڻون ٿا. ۽ انهن جي ئي تصديق جو نالو ايمان آهي. جنهن جا ٻه پهلو (رخ) آهن. هڪ "**زبان سان اقرار**" ٻيو "**قلبي يقين**". يعني زبان سان هي گواهي ڏيڻ ته اسين رسولن جي ٻه تصديق ڪريون ٿا ۽ انهن جي تعليمن مطابق الله تعالىٰ کي ٻه مڃون ٿا ۽ الله جي سيني صفتن کي ٻه مڃون ٿا ، ۽ بعث بعد الموت (مرڻ کان پوء وري اٿڻ)، حشر و نشر، حساب ڪتاب ۽ سزا و جزا کي ٻه تسليم ڪريون ٿا ۽ جنت ۽ جهنم کي ٻه مڃون ٿا، ۽ دل ۾ انهن سيني ڳالهين تي پختو يقين رکڻ ئي ايمان آهي.

هاڻ ظاهر آهي ته ايمان، ڪائنات ۽ انسان جي باري ۾ علم جو حقيقي نالو آهي ۽ ان جا ٻه نتيجا لازمي آهن. هڪ اهو ته انسان جي بيچيني دور (يعني پري) ٿي وڃي ۽ ان کي سڪون ۽ اطمينان حاصل ٿي وڃي ۽ ڪائنات ۽ پنهنجي حقيقت جو علم حاصل ڪرڻ جي خواهش جيڪا ان جي فطرت ۾ هئي اها پوري ٿي وڃي ۽ ان کي تسڪين حاصل ٿي وڃي. ائين هي داخلي امن ئي ايمان جو اصل حاصل آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو هيء اصطلاح امن جي مادي مان نڪتل آهي

ٻيو اهو ته جيئن بقول سقراط "علم نيڪي آهي ۽ جهالت بدي" ان ڪري هن علمِ حقيقي جو لازمي نتيجو اهو هجڻ کپي ته عمل ٻه درست ٿي وڃي ۽ انسان بهترين اخلاق سان سينگارجي وڃي ۽ ڪِنن ۽ غلط عملن ۽ افعالن جو خاتمو ٿي وڃي.

هي ٻي ڳالهه نهايت اهم آهي ان ڪري جو ان مان معلوم ٿئي ٿو ته ايمان ۽ عمل جو چولي دامن (لازم ملزوم) جو ساٿ آهي ۽ ايمان ۽ عمل صالح پاڻ ۾ لازم ملزوم آهن.

توهان پاڻ ٻڌايو ته هڪ شخص ته اهڙو آهي جنهن لاء هي ڪائنات هڪ اتفاقي حادثاتي طور وجود ۾ آئي آهي ۽ ان جو پورو نظام خود بخود هلي رهيو آهي. ۽ هڪ ٻيو ماڻهو جيڪو ان جي پيٺ ۾ اهو مڃي

ٿو ته هڪ عليم و خبير هستي ۽ عزيز و حڪيم ذات ئي هن ڪائنات ڪي پيدا ڪيو آهي ۽ ان جي ئي هلائڻ سان هلي رهي آهي، ته ڇا انهن ٻنهي جو عملي رويو هڪ ٿي سگهي ٿو؟ ۽ ڇا ٻنهي جي طرزِ عمل ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق نه ٿي ويندو؟ اهڙيءَ طرح هڪ شخص اهو آهي جنهن لاءِ زندگي ته بس اها ئي آهي جيڪا هن دنيا ۾ گذاري رهيو آهي ۽ موت کان پوءِ کا به زندگي نه آهي، کو به حساب ڪتاب نه آهي، کا پڇا ڳاڇا نه آهي ۽ نه ئي کو ڏوه يا سزا. ۽ ٻيو ماڻهو اِهو يقين رکي ٿو ته اصل زندگي ته موت کان پوءِ شروع ٿيندي، هي زندگي ته جڙ هڪ ڪتاب جي "پيش لفظ" مثل آهي ۽ مرڻ کان پوءِ هر ماڻهو کي پنهنجي هر عمل جو ئي نه پر هر هڪ قول ۽ هر هڪ خيال جي باري ۾ جواب ڏيڻو پوندو ته ڇا انهن ٻنهي جي عملي رويي ۾ ڏينهن ۽ رات جو فرق پيدا ٿيڻ لازمي نه آهي؟ سڏي ڳالهه آهي ته پهرين انسان جو ته فلسفو ئي هي ٿي ويندو:

بابر بہ عیش کوش کہ عالم دوبارہ نیست!

(بابر! عيش ڪري وڃ، هي دنيا وري نه ملندي)

۽ هن عيش واري زندگيءَ ۾ هن کي صحيح ۽ غلط جي تميز نٿي رهي، نه جائز و ناجائز جي، نه حلال و حرام جي. ان جي برعڪس ٻيو ماڻهو زندگيءَ ۾ هر قدم سنياليو سنياليو کڻي ٿو ۽ احساس ذميداري هر دم محسوس ڪري ٿو. جڙ ته ايمان جي نتيجي ۾ انسان جي شخصيت ۾ هڪ انقلاب (Transformation) لازم آهي.

ڇڪيءَ طرح سمجهي ڇڏيو ته اسان وٽ جيڪو اهو خيال عام ٿي ويو آهي ته ايمان الڳ آهي ۽ عمل الڳ آهي، اهو صرف قانوني درجي ۾ آهي. ان ڪري جو دنيا ۾ ڪنهن ماڻهو جو مسلمان سمجهيو وڃڻ صرف ان جي زبان سان اقرار ڪرڻ تي آهي. ۽ ان ۾ ان ماڻهو جو عمل زير بحث نٿو آڻي سگهجي، پر حقيقي ايمان جيڪا عبارت آهي

يقين قلبي سان لازمًا عمل ۾ انقلاب پيدا ڪري ڇڏيندو آهي. جيڪڏهن عمل ۾ تبديلي پيدا نه ٿئي ته اهو اُن جو پڪو ثبوت آهي ته حقيقي ايمان موجود نه آهي. هيءَ اُها حقيقت آهي جيڪا پاڻ ڪريم ﷺ جن گهٽين ئي حديثن ۾ واضح طور تي بيان فرمائي آهي جيئن پاڻ ﷺ فرمايو ته:

لَا اِيْمَانَ لِمَنْ لَا اَمَانَةَ لَهُ وَ لَا دِيْنَ لِمَنْ لَا عَهْدَ لَهُ... (مسند احمد) يعني ان ماڻهو جو ڪو ايمان نه آهي جنهن ۾ امانت جي پاسداري نه آهي ۽ جيڪو امانت (Trust) کي ضايع (Betray) ڪندو آهي، ۽ جنهن ۾ عهد (وعدي) جي پاسداري نه آهي ان جو ته ڪو دين ئي ڪونهي. غور ڪريو ته ڪيترو ته پيارو انداز بيان آهي نبي ڪريم ﷺ جو ۽ اها ڳالهه به ۽ به چار وانگر بلڪل واضح آهي جيڪا پاڻ ﷺ جن فرمائي آهي.

اهڙيءَ طرح هڪ موقع تي پاڻ ڪريم ﷺ جن ٽي ڀيرا قسم کڻي فرمايو ته "وَاللّٰهِ لَا يُؤْمِنُ وَ اللّٰهِ لَا يُؤْمِنُ وَاللّٰهِ لَا يُؤْمِنُ" الله جو قسم اُهو مؤمن نه آهي، الله جو قسم اهو مؤمن نه آهي، الله جو قسم اهو مؤمن نه آهي، جنهن تي صحابہؓ سوال پڇيو "مَنْ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ" حضور ﷺ توهان ڪنهن جي باري ۾ اهو ارشاد فرمائي رهيا آهيو؟ پاڻ سڳورن ﷺ جواب ۾ ارشاد فرمايو " اَلَّذِیْ لَا يَاْمَنُ جَارُهُ بَوَائِقَه"... (متفق عليه) يعني اهو ماڻهو جنهن جي تڪليفن ڏيڻ سان ان جو پاڙيسري سڪ سان نه رهي سگهي! غور ڪريو ته پاڻ ڪريم ﷺ ڪهڙي حد تائين تنبيهه سان ايمان جي مڪمل نفي جو اعلان فرمايو آهي، ۽ اهو به ڪنهن ڪبيره گناه تي نه، نه ئي شرڪ، نه قتل ناحق، نه زنا، نه چوري، نه ڏاڙو پر صرف هڪ اهڙي ڳالهه تي جنهن لاءِ اسان صرف وڏ ۾ وڏ ائين ئي خيال ڪندا آهيون ته اها هڪ بداخلاقي آهي. ڇا ان ڪان پوءِ به ان خيال جي گنجائش آهي ته ايمان ۽ عمل به الڳ الڳ شيون آهن ۽ پاڻ ۾ لازم ملزوم نه

آهن؟ ان غلط فهمي کي ختم ڪرڻ لاءِ قرآن ڪريم جو مستقل اُسلوب (اعلىٰ ادبي ترتيب) هي آهي تہ ايمان کان پوءِ ان جي لازمي نتيجي جي طور تي عمل صالح جو ذڪر لازمي ڪيو ويندو آهي.

ڇڪيءِ طرح سمجهي ڇڏيو تہ جيسيتائين ايمان صرف "اقرار باللسان" جي حد تائين رهي ٿو يعني صرف قول تائين محدود هوندو آهي تہ عمل ان جي خلاف ٿي سگهي ٿو. ان ڪري جو قول ۽ فعل جو تضاد هن دنيا ۾ هڪ عام شيءِ آهي پر جيسيتائين اهو ئي ايمان "تصديق بالقلب" (قلبي يقين) جي درجي کي پهچي وڃي ٿو يعني يقين سان دل ۾ ويهي وڃي ٿو تہ پوءِ عمل جو بدلجي وڃڻ لازم آهي. ان ڪري جو انسان جو عملي رويو ان جي يقين تي ئي مبني هوندو آهي، جيئن اسان کي يقين آهي تہ باهه ساڙي ڇڏيندي آهي تہ اسين پنهنجي هڪڙي آڱر ۾ باهه ۾ وجهڻ لاءِ تيار نہ هوندا آهيون. بلڪ يقين تہ پري جي ڳالهہ آهي انسان جو عمل تہ شڪ يا وهم سان ۾ متاثر ٿئي ٿو. جيئن اسان کي خبر آهي تہ سيئي نانگ زهريلا نہ هوندا آهن. پر هڪ گمان هوندو آهي تہ ٿي سگهي ٿو تہ هي نانگ زهريلو هجي. انهيءِ شڪ جي نتيجي ۾ انسان لازمن نانگ کان پري پوڃي ٿو. پوءِ جيڪڏهن ان شخص کي يقين هجي تہ الله آهي ۽ اهو سميع و بصير آهي ۽ عليم و خبير آهي ۽ منهنجي هر حرڪت ۽ منهنجي زبان مان نڪتل هر هڪ لفظ ۽ ان کان ۾ وڌيڪ منهنجي دل جي هر ارادي جو ۾ ان کي علم آهي ۽ مون کي مرڻ کان پوءِ ان جي اڳيان لازمن حاضر ٿيڻو آهي ۽ پنهنجي پوري زندگيءِ جي ڪارنامن جو جواب ڏيڻو آهي، پوءِ نہ ان جي سزا ۽ پڪڙ کان ڪنهن پاسي پڃڻ جو ڪو امڪان آهي ۽ نہ ئي ڪنهن جي ڪا سفارش يا ڪجهہ ڏيئي ونئي بچڻ جي ڪا راهہ آهي. تہ پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ ان شخص جي عمل ۾ تبديلي پيدا نہ ٿئي ۽ هو

گناه ۽ معصيت جي زندگي گذاريندو هجي. اهو ئي معاملو آهي جيڪو حضور ﷺ جي قول ۾ بيان ٿيو آهي تہ:

لَا يَزْنِي الزَّانِيْ حِيْنَ يَزْنِيْ وَهُوَ مُؤْمِنٌ وَلَا يَشْرَبُ الْخَمْرَ حِيْنَ يَشْرَبُ وَهُوَ مُؤْمِنٌ وَلَا يَسْرِقُ السَّارِقُ حِيْنَ يَسْرِقُ وَهُوَ مُؤْمِنٌ ... (بخاری ـ 2475) ——— يعني ڪو بہ زاني (بدڪار) حالت ايمان ۾ زنا نٿو ڪري ۽ نہ ئي ڪو چور حالت ايمان ۾ چوري ڪري ٿو ۽ نہ ئي ڪو شرابي حالت ايمان ۾ شراب پيئي ٿو.

بلڪ انهن گناهن جو ظهور ٿئي ئي تڏهن ٿو جڏهن ڪنهن سبب جي ڪري حقيقي ايمان دل مان نڪري وڃي ٿو، يعني ايمان ۽ عمل صالح جو چولي دامن جو ساٿ آهي ۽ اهي ٻئي پاڻ ۾ لازم ملزوم آهن. صحيح ۽ درست عمل ۽ سنو اخلاق ۽ اعليٰ ڪردار ايمان حقيقي جو لازمي حصو آهي. انهيءَ ڪري ئي سورة العصر ۾ ايمان کان پوءِ نجات جي لاءِ ٻئي شرط جي طور تي عمل صالح جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

عمل صالح جو اصل مفهوم:

عمل صالح جو عام ترجمو سنا ۽ نيڪ عمل ڪيو ويندو آهي پر جيڪڏهن ان لفظ جي گهرائيءَ ۾ وڃي ڏسجي تہ وڌيڪ حقيقتون اجاگر ٿيندیون. ان ڪري جو هڪ پاسي تہ باوجود ان جي جو عمل ۽ فعل ٻئي انتهائي قريب المفهوم لفظ آهن، انهن جي معنيٰ ۾ هڪ باريڪ فرق بہ آهي ۽ اُهو اِهو تہ "فعل" ڪنهن بہ ڪم کي چئجي ٿو پر عمل جو اطلاق عام طور محنت طلب ۽ مشقت بخش ڪم تي ئي ٿئي ٿو، ۽ ٻئي پاسي صالح جو اطلاق هر ان شيءِ تي ٿئي ٿو جنهن ۾ ترقي ۽ نشو و نما جي صلاحيت موجود هجي، هاڻ انهن بنهي کي جوڙيو تہ معلوم ٿيندو تہ هن اصطلاح جي اصل حقيقت هيءَ آهي تہ انسان کي پنهنجو اُهو اصل مقام حاصل ڪرڻ جي لاءِ، جنهن تي ان جي بالقوه

(potentially) تخليق ٿي آهي، هڪ محنت ۽ جدوجهد جي ضرورت آهي ۽ هڪ چڙهائي چڙهڻ لازم آهي جنهن جو جامع عنوان عمل صالح آهي. يعني هي اها ئي ڳالهه ٿي جيڪا ڪنهن شاعر هيئن چئي:

فرشتے سے بہتر ہے انسان بننا
مگر اس میں پڑتی ہے محنت زیادہ

سورة التين[95] گهٽن ئي اعتبارن سان سورة العصر سان مشابهت رکي ٿي. ان ڪري ان ۾ اِنهيءَ حقيقت کي وڌيڪ وضاحت سان بيان ڪيو ويو آهي ته:

لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْٓ اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ ۝ ثُمَّ رَدَدْنٰهُ اَسْفَلَ سٰفِلِيْنَ ۝ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَلَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ ۝ —— يعني انسان جي تخليق اصل ۾ ته تمام اعليٰ مقام تي ٿي هئي ۽ انسان کي نه صرف جنن تي پر فرشتن تي به فضيلت عطا ڪري خلافت و نيابتِ الٰهي سان سرفراز ڪيو ويو هو پر پوءِ عملي طور تي ان کي عالمِ دنيا ۾ مقيد (قيد ڪيل) ۽ نفس اماره جي ڪچيءَ ۾ ڳاٽن (قندن) سان گرفتار ڪري ڇڏ هيناهين ۾ سيني کان هيناهين مقام ۾ وڌو ويو. هاڻ پنهنجي اصل مقام کي حاصل ڪرڻ لاءِ لازم آهي ته هو علمِ حقيقي به حاصل ڪري يعني ايمان جي نور سان پنهنجي باطن کي منور ڪري ۽ عملِ صحيح به اختيار ڪري يعني صالح عملن سان پنهنجي ظاهر کي مزين ڪري ۽ شريعت ۽ طريقت جي راهن تي گامزن رهي! انڪري اِهي ئي اُن جي نجات جا ابتدائي لوازم آهن.

تواصي جي معنيٰ:

سورة العصر جي آخري آيت ۾ به پيرا لفظ تَوَاصَوا آيو آهي. ان جي مصدر "تواصي" آهي ۽ هي لفظ "وصيت" مان نڪيل آهي جنهن جي

معنيٰ آهي تاڪيد ۽ اصرار سان ڪنهن ڳالهه جي تلقين ۽ نصيحت. پوء هي مصدر باب تفاعل مان آهي جنهن جي خاصيتن ۾ هڪ ته باهمي اشتراڪ (يعني پاڻ ۾ مِلي جُلي ڪم ڪرڻ) آهي ۽ ٻيو شدت ۽ مبالغو آهي. ان جو مطلب هي ٿيو ته هڪ ته هي تواصي وارو عمل پوري زور ۽ شور ۽ پوري شدت ۽ قوت سان گهربل آهي ۽ ٻيو ته ان مرحلي تي هڪ اجتماعيت جو قيام لازمي ٿي وڃي ٿو جيڪا هڪ ٻئي کي حق ۽ صبر جي تلقين جي اصول جي بنياد تي هجي.

حق جي معنيٰ:

اهڙي طرح لفظ حق به معنيٰ ۽ مفهوم جي اعتبار کان تمام گهڻو وسيع آهي ۽ ان جو اطلاق هر ان شيء تي ٿيندو جيڪا واقعي هجي (يعني خيالي ۽ وهمي نه هجي) يا عقل جي حساب سان مُسَلَّمُ (صحيح سلامت) هجي يا اخلاقًا واجب هجي يا بامقصد ۽ غرض و غايت جي حامل هجي (يعني بيڪار، لايعني ۽ بي فائده نه هجي).

ان سان هي معلوم ٿيو ته تواصي بالحق جي معنيٰ ٿيندي ته هر اُن ڳالهه جو اقرار ۽ اعلان ۽ هر ان شيء جي دعوت ۽ تلقين جيڪا واقعي ۽ حقيقي هجي يا عقلي طور تي ثابت هجي يا اخلاقًا واجب هجي. يعني حق جي دائري ۾ ننڍي کان ننڍي سڃائي کان وٺي ڪائنات جون وڏي کان وڏيون حقيقتون سڀ ان ۾ داخل ٿي ويون ۽ تواصي بالحق جي اندر ننڍي کان ننڍي اخلاقي نصيحتن کان وٺي سيني کان وڏي حق جو اعلان به شامل آهي ته هن ڪائنات جو مالڪِ حقيقي صرف ۽ صرف هڪ الله تبارڪ وتعالىٰ ئي آهي ۽ صرف انهيء جو حق آهي ته دنيا ۾ ان جو حڪم هلي ۽ انهيء جو حڪم نافذ ٿئي. پوء ان حق جو صرف اعلان ۽ اعتراف نه هجي پر ان جي عملي نفاذ لاء مڪمل جدوجهد به ڪئي وڃي.

ائين ئي تواصي بالحق جي جامع اصطلاح ۾ اهي سيئي مفهوم شامل آهن جيڪي قرآن ڪريم جي گهڻين ئي اصطلاحن ۾ پوشيده آهن جيئن "امر بالمعروف و نهي عن النمكر" يعني هر نيڪي ۽ پلائي جي دعوت ۽ حڪم ڏيڻ ۽ هر بدي ۽ برائي کان منع ڪرڻ ۽ روڪڻ، يا تواصي بالمرحمه يعني ماڻهن کي پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ٻئي تي شفقت ۽ نرمي ڪرڻ جي تلقين ۽ نصيحت ڪرڻ، يا دعوت الىٰ الله يعني ماڻهن کي پنهنجي مالڪِ حقيقي جي معرفت حاصل ڪرڻ ۽ عبادت اختيار ڪرڻ جي دعوت ڏيڻ، يا جهاد في سبيل الله يعني الله تعالىٰ جي دين جي غلبي جي جدوجهد ڪرڻ ۽ ان جي لاءِ پنهنجي جان ۽ مال لٹائي ڇڏڻ.

صبر جو مفهوم:

اهڙيءَ طرح صبر جو مفهوم بہ تمام گهڻي وسعت رکي ٿو. ۽ ان جو اصل حاصل هي آهي تہ انسان پنهنجي مقرر ڪيل رستي تي هلي ۽ ان کي اُن رستي تان، نہ ڪا مصيبت يا تڪليف هٹائي سگهي ۽ نہ ئي ڪا لالچ يا حرص ان کي هٹائي سگهي. مطلب تہ ان کي پنهنجي رستي تان، نہ ڪنهن تشدد (Persecution) سان هٹائي سگهجي ۽ نہ ئي ڪنهن حرص ۽ لالچ (Temptation) سان، بلڪ هو هر حالت ۾ ثابت قدم رهي ۽ ثبات و استقلال ۽ همت و بهادري سان حق تي خود بہ ثابت قدم رهي ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏيندو رهي.

تواصي بالحق ۽ تواصي بالصبر لازم ملزوم آهن:

جيئن اسين ڏسي چڪا آهيون تہ ايمان ۽ عمل صالح جو هڪ ٻئي سان قريبي تعلق آهي، اهڙيءَ طرح تواصي بالحق ۽ تواصي باصبر بہ پاڻ ۾ لازم ملزوم آهن. ان ڪري جو حق جي دعوت کي دنيا ۾ عام طور تي برداشت نہ ڪيو ويندو آهي ۽ ان جي روڪ ٽوڪ لازمن ڪئي

ويندي آهي. ان ڪري اهل حق کي لازمن تڪليفن ۽ مصيبتن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي.

اسان سيني کي ان جو تجربو آهي ته ننڍي کان ننڍي نصيحت بہ ڪڏهن ڪڏهن ماڻهن کي ناپسنديده لڳندي آهي. مثال طور هڪڙي ماڻهو کي ڪنهن جا ڪجهہ رُپيا، جيڪي هُن بطور قرض ورتا هئا، واپس ڪرڻا هجن ۽ هو پيو بهانا ڪري ۽ توهان اُن شخص کي چئو تہ ادا هِن جا اِهي بہ ٽي رپيا تو وٽ آهن اُهي هِن کي واپس ڪر، تہ هو پنهنجي نرڙ تي گهنج وجهي سخت غصي ۾ چوندو تہ تون ڪير ٿيندو آهين اسان جي معاملي ۾ دخل ڏيڻ وارو؟ انهيءَ ڳالهہ کي نظر ۾ رکي سوچيو تہ جڏهن وڏن وڏن حقن جي ادا ڪرڻ جي تلقين هوندي تہ ڪيتري نہ روڪ ٽوڪ برداشت ڪرڻي پوندي ۽ ڪيتري مزاحمت و مخالفت کي برداشت ڪرڻو پوندو.

۽ اهو ئي اصل ۾ انسان جي سيرت ۽ ڪردار جو امتحان آهي. حقيقت ڪجهہ ائين آهي تہ حق جي سچاڻپ ۽ ان جي معرفت ايتري ڏکي نہ آهي جيترو ان کي خود اختيار ڪرڻ ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏيڻ ۽ پوءِ ان رستي تي ثابت قدم رهڻ، جنهن کي قرآن ڪريم جي اصطلاح ۾ "استقامت" چيو وڃي ٿو. هن مرحلي ۾ اچڻ کان پوءِ ئي خبر پوندي آهي تہ ڪير ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي ۽ ان ماڻهو ۾ سيرت ۽ ڪردار جهڙي ڪا شيءِ موجود بہ آهي يا نہ!

اهو ئي سبب آهي جو قرآن ڪريم ۾ گهڻي زور (Emphasis) ۽ تمام تاڪيد و توثيق سان هيءَ حقيقت بيان ٿي آهي تہ اهل ايمان کي لازمن امتحان ۽ پرک و آزمائش مان گُزرڻو پوندو آهي ۽ انهن جي ايمان جي دعويٰ جي صداقت کي هر پاسي کان هر طرح سان جانچيو ۽ پرکيو ويندو آهي، ۽ صادق الايمان انهن کي ئي چيو ويندو آهي جيڪي اِنهن سيني امتحانن ۾ ثابت قدم رهن ۽ صبر ۽ استقلال جو عملي ثبوت ڏين.

ايمان ۽ عمل صالح ۽ تواصي جو پاڻ ۾ تعلق:

هيسيتائين اسان سورة العصر ۾ بيان ڪيل نجات جي چئني شرطن کي ٻن ٻن جي ٻن جوڙن ۾ تقسيم ڪري ڏٺوسين ته هڪ طرف ايمان ۽ عمل صالح لازم ملزوم آهن ۽ ٻئي طرف تواصي بالحق ۽ تواصي بالصبر به پاڻ ۾ لازم ملزوم آهن. هاڻ انهن ٻنهي جوڙن جي وچ ۾ جيڪو رشتو ۽ تعلق آهي ان کي سمجهون ته سڄي ڳالهه پوري طرح ظاهر ۽ صاف ٿي ويندي.

هي فطرت جو هڪ عام اصول آهي ته ڪا به شيءِ پنهنجي ماحول کان متاثر ٿيڻ بغير نه ٿي رهي سگهي ۽ نه ئي ماحول کي متاثر ڪرڻ بغير. برف ۾ جيڪا ٺڪار آهي اها پنهنجي ماحول ۾ لازمن پنهنجو اثر ڏيکاريندي ۽ باهه جي تپش پنهنجي ماحول کي لازمن گرم ڪندي. اهو ئي معاملو اخلاقيات جو به آهي، جيڪڏهن ڪنهن انسان ۾ عملِ صالح حقيقت ۾ پيدا ٿي وڃي ته هو لازمن پنهنجي ارد گرد ماحول ۾ اثر ۽ نفوذ ڪندو ۽ ان سان نيڪي ۽ پلائي لازمي پکڙجندي، جڏ ته عمل صالح جو فطري نتيجو تواصي بالحق آهي.

انساني اخلاقيات ۾ هي اُصول اڃان به شدت سان اثر انداز ٿئي ٿو ته جيڪڏهن اجتماعي ماحول خراب آهي ته ان جي خرابي لازمن ماڻهن جي زندگين ۾ اثر ڪندي، ۽ ان کان بچڻ جي هڪ ئي راهه ممڪن آهي ته ماحول کي تبديل ڪري ڇڏجي يا گهٽ ۾ گهٽ ان کي بدلائڻ جي جدوجهد مسلسل جاري رکجي. انهيءَ طرح سان جيڪڏهن ماحول نه به بدليو ته به گهٽ ۾ گهٽ اِهو ماڻهو "جارحيت بهترين دفاع آهي" (Best Deffence Is Offence) جي اصول تي عمل ڪندي پنهنجو دفاع ضرور ڪري ونندو. انهيءَ ڪري نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي ته:

مَنْ رَاٰى مِنْكُمْ مُنْكَرًا فَلْيُغَيِّرْهُ بِيَدِهٖ فَاِنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ فَبِلِسَانِهٖ فَاِنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ فَبِقَلْبِهٖ وَذٰلِكَ اَضْعَفُ الْاِيْمَانِ... (مسلم - 177، 49 - Int) ...توهان مان جيڪو به ڪنهن برائي کي ڏسي ته ان جو فرض آهي ته ان کي طاقت سان بدلائي ڇڏي، پوءِ جيڪڏهن ان جي قوت نه رکندو هجي ته زبان سان ضرور منع ڪري، ۽ جيڪڏهن ان جي به طاقت نه رکندو هجي ته گهٽ ۾ گهٽ دل ۾ ضرور مدافعت ڪري. يعني دل ۾ ان کي ڪِنو (برو) سمجهي ۽ ان برائيءَ کي نه روڪي سگهڻ تي افسوس ڪري، ۽ اهو ايمان جو ڪمزور ترين درجو آهي.

پوءِ تواصي بالحق انسان جي شرافت جو به لازمي تقاضو آهي. ان ڪري جو جيڪو حق ڪنهن انسان تي ظاهر ٿيو آهي ۽ جنهن کي هن پاڻ اختيار ڪيو آهي، ان جي انسان دوستي جو اهو تقاضو آهي ته ان کي ٻين جي سامهون به پيش ڪري، ته جيئن وڌ کان وڌ ماڻهو ان مان نفعو ماڻي سگهن ۽ ان جي برڪتن مان متمتع (فائديمند) ٿي سگهن. انهيءَ ڪري پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو:

لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ حَتّٰى يُحِبَّ لِاَخِيْهِ مَا يُحِبُّ لِنَفْسِهٖ... (بخاری - 13) — يعني توهان مان ڪير به تيسيتائين مؤمن نٿو ٿي سگهي جيسيتائين هو پنهنجي ڀاءُ لاءِ به اهو ئي پسند نه ڪري جيڪو هو پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو.

۽ آخري درجي ۾ انسان جي غيرت ۽ حميت جو تقاضو به آهي ته جيڪو حق هن خود قبول ڪيو آهي ان جو پرچار ڪري، ان جو مبلغ ۽ علمبردار ٿئي. ۽ ان جي مقبوليت لاءِ دل و جان ۽ مال سان جدوجهد ڪري.

سڏي سنئين ڳالهه آهي ته جيڪڏهن انسان هڪ خاص زندگيءَ جو طريقو اختيار ڪري ٿو ۽ ماحول ڪنهن ٻئي رنگ ۾ رنگيو پيو

آهي ته نظرياتي طور تي به ئي صورتون ممڪن آهن. هڪ هي ته "زمانہ باتو نہ سان دتو بازمانہ بساز" (اگر زمانو تنهنجو ساٿ نٿو ڏئي ته توکي زماني جو ساٿ ڏيڻ گهرجي) جي مطابق خود به ماحول جي رنگ ۾ رنگجي وڃي ته جيئن ٻيائي ختم ٿي وڃي ۽ تصادم باقي نه رهي، ۽ ٻيو اهو ته "زمانہ باتو نہ سازد تو بازمانہ ستیز!" (اگر زمانو تنهنجو ساٿ نٿو ڏي ته تون زماني سان جنگ ڪر!) جي روش اختيار ڪري ۽ ماحول سان جهيڙو ڪائي ان کي پنهنجي رنگ ۾ رنگڻ جي ڪوشش ڪري. هاڻ ظاهر آهي ته هڪ شريف، باوقار ۽ غيرت مند ۽ باحميت انسان ته صرف هڪ ئي راهه اختيار ڪري سگهي ٿو ۽ اها ٻي آهي ۽ نه ڪي ٻهرين. هو اهو ته برداشت ڪري ويندو ته "بازی اگرچہ پانہ سکا سر تو کھوسکا" جي مصداق پنهنجي جان ڏئي ڇڏي پر اهو هرگز برداشت نٿو ڪري سگهي ته جسماني آساني ۽ عافيت جي حصول جي راهه تي هلي حق سان غداري ڪرڻ وارو ٿي وڃي.

مقصد جي ڳالهه تي اچون ته جنهن به اعتبار سان ڏٺو وڃي، نظر اهو ئي ٿو اچي ته ايمان، عمل صالح، تواصي بالحق ۽ تواصي بالصبر هڪ پاسي ته نجات جي لاءِ ناگزير لوازم (يعني ضروري) آهن ۽ ٻئي پاسي پاڻ ۾ لازم ملزوم آهن. بلڪ انهن ڇئني تي الڳ الڳ گهرائي ۾ وڃي غور ڪرڻ سان جيڪا حقيقت ظاهر ٿي آهي، اها هي آهي ته اِهي چارئي هڪ ئي وحدت جا ناقابل تقسيم پهلو آهن ۽ هڪ ئي شيءِ جا اهڙا جُزا آهن جيڪي جدا ٿيڻ وارا نه آهن. جيئن بقول علامہ اقبالؒ :عمل صالح، تواصي بالحق ۽ تواصي بالصبر "یہ سب کیا ہیں فقط اِک نقطہ ایمان کی تفسیریں". ايمان جيڪڏهن حقيقي ٿي وڃي ته ان سان عمل صالح ضرور پيدا ٿيندو، ۽ عمل صالح جيڪڏهن مضبوط ٿي وڃي ته لازمن ان جو نتيجو تواصي بالحق نڪرندو، ۽ تواصي بالحق جيڪڏهن واقعي ۽ حقيقي آهي ته تواصي بالصبر جو مرحلو لازمن اچي رهندو. ايسيتائين

جو ان جي عڪسي صورت (Converse Preposition) ۾ بلڪل درست آهي، يعني جيڪڏهن تواصي بالصبر جو مرحلو نہ ٿو اچي تہ اهو ان ڳالهہ جو پڪو ثبوت آهي تہ دعوت پوري حق جي نہ آهي بلڪ ان جي ڪنهن بي ضرر (غير هاجيڪار) جُزِي جي آهي، ۽ جيڪڏهن دعوت جو مرحلو نہ اچي تہ اهو ان ڳالهہ جو پڪو ثبوت آهي تہ انسان جو پنهنجو عمل صحيح ۽ مضبوط نہ آهي، ۽ جيڪڏهن عمل صحيح نہ ٿي رهيو هجي تہ اهو ان ڳالهہ جو يقيني ثبوت آهي تہ ايمانِ حقيقي موجود ئي ڪونهي.

مطلب تہ سورة العصر نجات جي جنهن راهہ جي طرف رهنمائي فرمائي ٿي ۽ انسان جي ڪاميابي جي لاءِ جنهن صراط مستقيم جي نشاندهي ڪري ٿي ان جا چار سنگ ميل آهن. پهريون ايمان ٻيو عمل صالح ٽيو تواصي بالحق ۽ چوٿون تواصي بالصبر.

اُسوه محمدي ﷺ:

۽ هن جي ڪامل ۽ مڪمل مثال پاڻ سڳورن ﷺ جي حيات طيبہ آهي جنهن ۾ هي چار ئي شيون پنهنجي بلند ترين سطح، شان ۽ اهتمام سان بتمام و ڪمال موجود آهن.

حضور ڪريم ﷺ سڀ کان پهرين پنهنجي ۽ ڪائنات جي حقيقت تي مطلع ٿيڻ چاهيو ۽ جڏهن جبريل امين[۴] حقيقتن جو ڪامل انڪشاف ڪيو: (وَوَجَدَكَ ضَآلًّا فَهَدٰى) الضحىٰ[93] :7 (پاڻ سڳورن ﷺ کي حقيقت جي تلاش ۾ گم ڏٺائون تہ رهنمائي فراهم ڪري ڇڏي) تہ پاڻ ﷺ ان جي تصديق ڪئي ۽ ايمان آندو. جيئن قرآن ڪريم ۾ فرمايو ويو آهي تہ:

اٰمَنَ الرَّسُوْلُ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْهِ مِنْ رَّبِّهٖ وَالْمُؤْمِنُوْنَ (البقرة[2] : 285)

" ايمان آندو رسول ﷺ اُن تي جيڪو لاڻو ويو اُن ڏانهن اُنجي رب وٽان ۽ (ايمان آندو) مؤمنن"

ٻئي پاسي پاڻ سڳورن ﷺ جي زندگي اخلاقِ حسنہ (سنن اخلاقن) جو مڪمل نمونو ۽ خلق عظيم جو شاهڪار هئي، جيئن فرمايو ويو:

وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ ۝ (القلم 88 : 04)

" توهان ﷺ يقينن انتهائي اعليٰ اخلاق جا حامل ۽ اخلاق جي بلند ترين مقام تي فائز آهيو"

ايمان ۽ عمل صالح جي هنن بنيادي تقاضن کي مڪمل طور تي پورو ڪرڻ کان پوء مسلسل ٽيويهه 23 سال حضور ﷺ جن حق جي دعوت ۽ ذات حق سبحانه وتعالىٰ جي ڪبريائي جي اعلان ۽ ان جي نفاذ جي اڻ ٽڪ جدوجهد ۾ لڳائي ڇڏيا ۽ ان رستي ۾ هر تڪليف سهندي هر مصيبت کي برداشت ڪيو، هر مشڪل کي منهن ڏنو ۽ هر مخالفت جو مردانگيء سان مقابلو ڪيو. اهڙي طرح شعب بني هاشم ۾ ٽن سالن جي سخت ترين قيد جون تڪليفون ۽ برداشت ڪيون، طائف جي بازارن ۾ بدمعاشن جي بيهوده حملن ۽ پٿرن کي ۽ برداشت ڪيو، جنگ بدر ۾ ۽ جنگ اُحد ۾ خود پنهنجي ڏندن مبارڪن کان علاوه پنهنجي تمام ويجهن عزيزن ۽ عزيز ترين جان نثار صحابين رضی اللہ عنہم جي جانين جا هديا (تحفا) بارگاهِ رباني ۾ پيش ڪيا ۽ ٽيويهن سالن جي ڏينهن رات جي محنت ۽ مشقت سان آخرڪار حق جي ڳالهه کي مٽانهون ڪري ڇڏيو ۽ الله جي دين کي عرب جي جزيري ۾ غالب ڪري ئي رفيق اعلىٰ ڏانهن واپسي فرمائي. فصلى الله عليه وعلى اله واصحابه وسلّم تسليمًا كثيرًا كثيرًا.

ائين جڙ پاڻ ڪريم ﷺ جي حيات طيبہ سورة العصر جي مجسم تفسير آهي! فداه ابي وامّي

تہ حضرات! هي آهي سورة العصر جي مفهوم جي مختصر تشريح. هاڻ توهان کي ڇڳيء طرح اندازو ٿي ويو هوندو تہ مون اڄ ڪهڙي ڳالهه جي ڪري هن سورت کي قرآن جي جامع ترين سورت قرار

ڏنو هو ۽ جو امام شافعي رحمه الله فرمايو هو ته "جيڪڏهن ماڻهو غور ۽ فڪر کان ڪم وٺن ته هي اڪيلي ئي سورت انهن جي هدايت ۽ رهنمائي جي لاءِ ڪافي آهي"

سورة العصر جو ماقبل سورت ۽ مابعد سورت سان تعلق:

هاڻ ٿورو هڪ نظر قرآن ڪريم ۾ هن سورت جي اڳيان ۽ پٺيان جي سورتن تي ٻه وجهون.

مون عرض ڪيو هو ته انسان جي رويي جي درستي جو پورو دارومدار ان تي آهي ته ان جي دل ۽ دماغ ۾ ڪاميابي ۽ ناڪامي جو اصل معيار ۽ فائدي ۽ نقصان جو صحيح تصور نه صرف قائم ٿي وڃي بلڪ هميشه موجود ٻه رهي. جيڪڏهن ائين نه ٿئي ته پوءِ لازمي آهي ته انسان جي اڳيان هڪ ئي شيءِ مقصود ۽ مطلوب رهجي وڃي ٿي ۽ اها آهي مال ۽ دنيوي اسباب جي گهٽائي ۽ ان جي ڪثرت جي طلب، ۽ جيڪا ان جي دل ۽ دماغ تي اهڙي طرح مسلط ۽ حاوي ٿي وڃي ٿي جو ڪائنات ۽ خود پنهنجي زندگي جي عظيم حقيقتن کان غافل ڪري ڇڏي ٿي ۽ غفلت جو هي پڙدو صرف موت جي وقت ئي هٽي ٿو. ائين ئي هن حقيقت جو بيان اُن سورت مبارڪ ۾ آهي جيڪا قرآن ڪريم ۾ سورة العصر کان پهريان آهي يعني "سورة التكاثر".

۽ پوءِ ان جو جيڪو نتيجو نڪري ٿو ته انسان صحيح ۽ غلط ۾ ٻه تميز نٿو ڪري، جائز و ناجائز ۽ حلال و حرام جو فرق ٻه بلڪل نه ٿو ڪري. ايسيتائين جو دولت جا انبار جمع ڪرڻ کي ئي اصل ڪاميابي سمجهي ٿو ۽ اخلاق جي سڀني حدن کان هيٺ لهي اچي ٿو، ۽ هن جي شخصيت تمام معائب (عيبن) جو مجموعو ٿي وڃي ٿي. ان جي ئي عڪاسي هن سورت ۾ ڪئي وئي آهي جيڪا سورة العصر کان پوءِ اچي ٿي يعني "سورة الهمزة" ۾. آئون الله تبارڪ و تعالىٰ جي پناه

ٿو گهران ان ڳالهه کان ته منهنجو ۽ توهان جو حشر اهڙو ٿئي ۽ اسان کي اهڙي خرابيء کي منهن ڏيڻو پوي.

خاتمه ڪلام:

آخر ۾ آئون توهان سڀني جو شڪر گذار آهيان جو اوهان منهنجي هن ڏگهي بيان ۽ گذارشن کي انتهائي توجهه سان ٻڌو ۽ الله تبارڪ وتعالىٰ کان دعا ڪريان ٿو ته الله جل شانه اسان کي حق جي سڃاڻپ ۽ معرفت ۾ عطا فرمائي ۽ اُن تي عملي طرح قائم رهڻ جي توفيق ۾ عطا فرمائي ۽ ٻين کي ۾ هن پاسي سڏڻ ۽ دعوت ڏيڻ جي همت ڏي ۽ هن رستي تي اچڻ وارين تڪليفن ۽ مصيبتن تي صبر جي توفيق عطا فرمائي!

وآخر دعوانا ان الحمدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلمين

(۽ اسان جي آخري پڪار هي آهي ته تمام تعريف ۽ شڪر اُن الله جي لاءِ آهي جيڪو تمام جهانن جو رب آهي)

سورة العصر جي متعلق صحابه رضي الله عنهم جو طرز عمل:

عن ابی مُزَینة الدارمی رضی الله عنه قال: كَانَ الرَّجُلَانِ مِنْ اَصْحَابِ النَّبِيِّ صلى الله عليه وسلم اِذَا الْتَقَيَا لَمْ يَفْتَرِقَا حَتّٰى يَقْرَأَ اَحَدُهُمَا عَلَى الْاٰخَرِ: وَالْعَصْرِ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِيْ خُسْرٍ، ثُمَّ يُسَلِّمَ اَحَدُهُمَا عَلَى الْاٰخَرِ۔ (المعجم الكبير)

حضرت ابو مزينه دارمي رضي الله عنه فرمائين ٿا ته نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جي صحابه ڪرامؓ مان ٻه ڇڻا جڏهن ۾ پاڻ ۾ ملاقات ڪندا هئا ته ان وقت تائين هڪ ٻئي کان نه موڪلائيندا هئا جيستائين انهن مان هڪڙو ٻئي کي سورة العصر نه ٻڌائي. ان کان پوء ئي انهن مان هڪڙو ٻئي کي (الوداعي) سلام چوندو هو.

سورة العصر جي باري ۾ امام شافعي رحمة الله عليه جا پنهنجا حڪمت پريا قول:

لَوْتَدَبَّرَالنَّاسُ هٰذِهِ السُّوْرَةَ لَوَسِعَتْهُمْ۔

”جيڪڏهن ماڻهو هن سورت (سورة العصر) تي غور ڪن تہ هو انهيءَ ۾ ئي پوري رهنمائي ۽ مڪمل هدايت حاصل ڪري وٺندا.“

لَوْلَمْ يُنَزَّلْ مِنَ الْقُرْاٰنِ سِوَاهَا لَكَفَتِ النَّاسُ۔

”جيڪڏهن قرآن ڪريم ۾ سواءِ هن سورت جي ٻيو ڪجهہ بہ نازل نہ ٿئي ها تہ صرف هي سورت ئي ماڻهن (جي هدايت) جي لاءِ ڪافي هجي ها.“

سورة العصر جي تفسير جي حوالي سان امام رازي رحمة الله عليه جو قول:

هٰذِهِ الْاٰيَةُ فِيهَا وَعِيدٌ شَدِيدٌ، وَذٰلِكَ لِأَنَّهٗ تَعَالٰى حَكَمَ بِالْخِسَارِ عَلٰى جَمِيعِ النَّاسِ إِلَّا مَنْ كَانَ اٰتِيًا بِهٰذِهِ الْأَشْيَاءِ الْأَرْبَعَةِ: وَهِيَ الْإِيمَانُ وَالْعَمَلُ الصَّالِحُ وَالتَّوَاصِي بِالْحَقِّ وَالتَّوَاصِي بِالصَّبْرِ، فَدَلَّ ذٰلِكَ عَلٰى أَنَّ النَّجَاةَ مُعَلَّقَةٌ بِمَجْمُوعِ هٰذِهِ الْأُمُورِ وَإِنَّهٗ كَمَا يَلْزَمُ الْمُكَلَّفَ تَحْصِيلُ مَا يَخُصُّ نَفْسَهٗ فَكَذٰلِكَ يَلْزَمُهٗ فِي غَيْرِهٖ أُمُورٌ: مِنْهَا الدُّعَاءُ إِلَى الدِّينِ وَالنَّصِيحَةُ وَالْأَمْرُ بِالْمَعْرُوفِ وَالنَّهْيُ عَنِ الْمُنْكَرِ

”هن آيت مبارڪ ۾ تمام سخت وعيد آيل آهي. ان ڪري جو الله تعالىٰ ڪل انسانن جي تباهيءَ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي سواءِ انهن جي جيڪي انهن ڇهئني شرطن کي پورو ڪن يعني ايمان، عمل صالح،

تواصي بالحق ۽ تواصي بالصبر. ان مان معلوم ٿيو تہ نجات جو دارومدار انهن چئني جي مجموعي تي آهي ۽ هر انسان جهڙيءَ طرح پنهنجي ذات جي باري ۾ جوابدهہ آهي (ايمان ۽ عمل صالح جي لاءِ)، اهڙيءَ طرح ٻين جي باري ۾ ڪجهہ معاملن ۾ ذميدار آهي، جيئن دين جي دعوت، تلقين و نصيحت ۽ امر بالمعروف و نهي عن المنڪر.“

تمت بالخير



هڪ پياري مسنون دعا

اَللّٰهُمَّ اجْعَلِ الْقُرْاٰنَ

اي الله بٹائي قرآن کي

رَبِيْعَ قُلُوْبِنَا ---وَ---نُوْرَ صُدُوْرِنَا

اسان جي دلين جي بهار ۽ اسان جي

سينن جو نور

وَجِلَآءَ اَحْزَانِنَا ---وَ---ذَهَابَ هُمُوْمِنَا وَغُمُوْمِنَا

۽ اسان جي ڏکن جو علاج ۽ اسان جي فکرن ۽ غمن کي

دور ڪرڻ وارو

کراچی میں لائبریریز اور مکتبہ جات کے پتے

نمبر	پتے	فون نمبر
1	قرآن اکیڈمی ڈیفنس، خیابان راحت، درخشاں، فیز 6، ڈیفنس، کراچی	+92-21-35340022-4
2	قرآن اکیڈمی یاسین آباد، فیڈرل بی ایریا، بلاک 9	+92-21-36337346 +92-21-36806561
3	قرآن اکیڈمی کورنگی، متصل مسجد طیبہ، سیکٹر 35/A، زمان ٹاؤن، کورنگی نمبر 4	+92-21-35078600 +92-21-34161094
4	قرآن انسٹیٹیوٹ گلستان جوہر، سالکین بسیرا اپارٹمنٹ، بلاک 14، گلستان جوہر	+92-21-34030119
5	قرآن انسٹیٹیوٹ لطیف آباد، بنگلہ B-176، بلاک C، نزد کارڈیو ہسپتال یونٹ 2، لطیف آباد	+92-22-3407694
6	قرآن مرکز، متین آرکیڈ، نزد الجنت ریسٹورینٹ، بلاک 7 گلشنِ اقبال	+92-21-34833737
7	قرآن مرکز، بلڈنگ نمبر E-41، کمرشل اسٹریٹ نمبر 14، فیز III ایکسٹینشن، DHA	0333-3496583
8	قرآن مرکز، مکان نمبر 861، سیکٹر D-37، نزد رضوان سوئیٹس، لانڈھی 2	0333-2815528
9	قرآن مرکز، B-238، بالمقابل زین کلینک، نزد مادام اپارٹمنٹس، چھوٹا گیٹ، شارع فیصل	+92-21-35478063
10	دوسری منزل، حق چیمبر، نزد بسم اللہ تقی ہسپتال، کراچی ایڈمنسٹریشن سوسائٹی	+92-21-34306040-41
11	داؤد منزل، نزد فریسکو سوئیٹس، آرام باغ	+92-21-32620496
12	LS-9 سیکٹر K-11 پاور ہاوس چورنگی، نارتھ کراچی	0321-2023783
13	E 2/7-II، ناظم آباد نمبر 2، نزد حور مارکیٹ، کراچی	+92-21-36605413
14	فلیٹ A-1، ممتاز اسکوائر نزد کے ای ایس سی آفس، بلاک "K"، نارتھ ناظم آباد	+92-21-36632397
15	حق اسکوائر، عقب اشفاق میموریل ہسپتال، بلاک C-13، گلشنِ اقبال	+92-22-34986771

انجمن خدام القرآن

سندھ، کراچی، رجسٹرڈ

www.QuranAcademy.edu.pk



انجمن خدام القرآن

جي قيام جو مقصد

ايمان جي مرڪز .... ۽ .... يقين جي سرچشمي

قرآن حڪيم

جي علم ۽ حڪمت جي

وسيع پئماني .... ۽ .... اعليٰ علمي سطح

تي تشهير ۽ اشاعت آهي

تہ جيئن مسلمان امت جي سمجهدار طبقي اندر

تجديدِ ايمان

جي هڪ عمومي تحريڪ اُپري پوي

۽ اهڙي طرح

اسلام جي ٻيهر احياء ... ۽ ... دينِ حق جي غالب ٿيڻ

جي راهہ هموار ٿي سگهي.

وَمَا النَّصْرُ اِلَّا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ

